پرين پريان لوءِ جو

مخدوم العارفين امام السالڪين، سلطان الاولياء سيدنا

مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي رحہ

مؤلف

الحاج مخدوم عبدالخالق هاشمي

عرف مخدوم شفيع محمد هاشمي رحہ

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

فقير احمد خان نظاماڻي طاهري
ٽنڊو قيصر، حيدرآباد

پرين پريان لوءِ جو

يعني مختصر تذڪره مخدوم العارفين،
سلطان العلماءَ اڪمل الڪاملين اعليٰ حضرت
مخدوم محمد اسماعيل پريالوئي رضه

مؤلف
مخدوم عبدالخالق
عرف شفيع محمد الهاشمي کهڙائي رح

طاهري روحاني لائبريري
ٽنڊو قيصر، حيدرآباد

ڇپائيندڙ
مخدوم عبدالرحمٰن شهيد اڪيڊمي
درگاهه المخاديم، کهڙا شريف ضلع خيرپور

www.maktabah.org

مخدوم عبدالرحمن شهيد اڪيڊمي، کهڙا جو ڪتاب نمبر ٢

پهريون ڇاپو: ٢٠٠٠ع

نالو ڪتاب جو: پرين پريان لوءِ جو
مؤلف: مخدوم عبدالخالق عرف شفيع محمد الهاشمي
مرتب: مخدوم نديم احمد الهاشمي
ناشر: مخدوم نديم احمد الهاشمي
ڇپائيندڙ: مخدوم عبدالرحمن شهيد اڪيڊمي،
درگاهه المخاديم، کهڙا ضلع خيرپور.
ڪمپوزنگ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي. فون: ٧٧٣٧٢٩٠
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي. فون: ٧٧٣٧٢٩٠

هديو: 200

ملڻ جا هنڌ

مڪتبه عزيزيه، مارڪيٽ کهڙا، پوسٽ آفيس کهڙا ضلع خيرپور.
عزيز ڪتاب گهر، بيراج روڊ سکر.
رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو.
شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد.
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، اردو بازار ڪراچي.

www.maktabah.org

فقير احمد خان نظاماڻي طاهري
ٽنڊو قيصر، حيدرآباد

الحاج مخدوم شفيع محمد هاشمي
عرف مخدوم عبدالخالق (چھارم)

www.maktabah.org

مؤلف بابت

الحاج مخدوم عبدالخالق چهارم عرف مخدوم شفيع محمد رحہ برصغير جي مشهور معروف علمي ۽ روحاني مرڪزيت وارو منصب ماڻيندڙ درگاهه المخاديم کهڙا شريف جا ٽيهون نمبر سجاده نشين هئا. سندن ولادت باسعادت سنڌ جي تاريخي، علمي ۽ روحاني مرڪزيت واري شهر کهڙا ۾ سنہ ١٨٩٢ع ۾ ٿي، پاڻ هن ممتاز خاندان جي بزرگ قبلہ حضرت مخدوم نيڪ محمد عرف مخدوم محمد عاقل سائين جن جا وڏا فرزند هئا. پاڻ معنوي ۽ صوري حسن جي جيئري جاڳندي تصوير ۽ پنهنجي بزرگانِ محتشم جي ياد ڏياريندڙ دل آويز شخصيت جا مالڪ هئا.

قرآن پاڪ جي تعليم پنهنجي ئي خانداني مدرسي ۾ حاصل ڪيائون ۽ پوءِ فارسي ۽ عربي جي اعليٰ تعليم پنهنجي والد بزرگوار جن وٽ شروع ڪيائون جنهن کان پوءِ اها پنهنجي خانداني درسگاهه ۾ ئي مڪمل ڪيائون.

پاڻ تقسيم هند کان اڳ ۽ پڻ پوءِ دهلي، اجمير شريف ۽ سرهند شريف ڏانهن سالها سال حاضري ڏيڻ لاءِ ويندا رهندا هئا. ١٣ ڀيرا حج جي سعادت ماڻيائون ۽ حرمين شريفين جي قيام دوران سندن ملاقاتون اتان جي مشاهير علماءِ ڪرام ۽ صاحب اثر شخصيتن سان رهيون. شام ۽ عراق جي مشهور زيارت گاهن تي به حاضري ڏيندا رهندا هئا. سندن همعصرن ۽ دوستن جو حلقو بيحد وسيع هو جنهن ۾ صاحبِ اقتدار، گاديءَ ڌڻي، فقرا، علماءَ ، سياستدان، نواب ۽ زميندار مطلب تہ هر طبقہ جون شخصيتون شامل هيون. برصغير جي آزادي ۽ قيام پاڪستان لاءِ تحريڪ ۾ بہ سندن جذبہ ۽ ولولو قابل قدر رهيو. حُر تحريڪ جي جڳ

www.maktabah.org

فقير احمد خان نظاماڻي طاهري
ٽنڊو قيصر، حيدرآباد

مشهور باني ۽ روح روان حضرت پير صبغت الله شاه راشدي سورهيه بادشاه جن سان به سنڌن گهرا مراسم هئا. درگاه مخدوم نوح سرور رحه درگاه غوثيه راڻيپور، درگاه جيلانيه گمبٽ، سچل سائين درازائي جن جي درگاه، درگاه حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه، درگاه حضرت لعل شهباز قلندر، درگاه ڀرچونڊي شريف توڙي ٻين اڪثر روحاني مرڪزيت وارين درگاهن سان سنڌن مستقل تعلقات ۽ نباهه رهيو. معروف درگاه ٽنڊو سائينداد، گهوٽڪي درگاه، چشمه شريف، درگاه همايون شريف، درگاه حضرت فقيرالله شاه علوي رحه شڪارپور، درگاه ڪوٽڙي ڪبير، بزرگ عبدالحامد بدايوني، مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا مخدوم امير احمد ۽ عبدالغفور مدني وغيره جن سان به سنڌن دلي ۽ مستقل لاڳاپو هو. شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽو، پير حسام الدين شاه راشدي، پير علي محمد شاه راشدي، وزيراعظم لياقت علي خان، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، خانصاحب غلام رسول خان جتوئي، خانبهادر گل محمد خان ڪيڙو، سردار پير بخش خان ڀٽو، مير جعفر خان جمالي، پير الاهي بخش، سر غلام حسين هدايت الله فقير ميان اله رکيو صاحب، سيد صوفن شاه لڪياري ۽ حاجي پير بخش شيخ وغيرهم به سنڌن خاص دوستن ۾ شامل هئا. ۽ هن درگاه تي به انهن صاحبن جي آمد ٿيندي رهندي هئي. پير سائين پاڳاري جن جو خاندان به حضرت پير سائين روضي ڌڻي جن کان وٺي هن درگاه ۽ سجاده نشينن جو خاص خيال رکندا آهن.

پاڻ سنڌي ۽ فارسي زبان جا شاعر هئا سنڌن مولودن جو مجموعو به موجود آهي جيڪو انشاءَ الله ڇپرائبو. پاڻ ۴ ربيع الاول ۱۳۹۳ھ بمطابق ۱۸ اپريل ۱۹۷۳ع ۾ اسان سڀني کي وڇوڙي جو ڏاگهه ڏيئي وڃي خالق حقيقيءَ سان مليا.

مخدوم نديم احمد هاشمي عفي عنه
خادم درگاه المخاديم کهڙا شريف
(ضلع خيرپور) سنڌ

www.maktabah.org

انتساب

بنامِ نامي، اسمِ گرامي
برِ صغير جي ممتاز روحاني و علمي تربيت گاهه
ولاثاني درگاهه المخاديمر کهڙا شريف ضلعو خيرپور
جي درخشنده ستاره غوثِ زمان، سراج العارفين، رئيس العلماءِ
قدوة الاولياءِ

مخدومر محمد عاقل (سومر) الهاشمي نوراللّٰه مرقده،

قدس سره العزيز

جن کي مخدومر العارفين اعليٰ حضرت مخدومر محمد اسماعيل پريالوئي رحه سائين جي محبوب و منفرد دختر نيڪ اختر ولي ڪاملہ، عالمہ، فاضلہ، ڪروڙ ٻيرا درود پڙهڻ واري جي زوجگي و رفيق-حيات هئڻ جو شرف حاصل ٿيو.

(سائڻ جي مزار پُر انوار درگاهه شريف ۾ ڪبرن جي چانوَ ۾ مستور آهي).

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلامر، اڳهه اچيو ان جي.

www.maktabah.org

سنڌاءُ

ناشر طرفان ٻه اکر	مخدووم نديم احمدالهاشمي کهڙائي	٩
ڪجھ اکر	عاصي کهڙائي سومرو	١٣
حقيقت حال	مخدوم شفيع محمّد عرف عبدالخالق هاشمي کهڙائي رح	١٥
پيش لفظ	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	١٧

متن ڪتاب

اجمالي تعارف ۽ حالات ١٩

ڪرامتون

* حضرت مخدوم محمد اسماعيل رح جي وساطت سان پير محمد بقا شاهه رح کي فيض ملڻ ٢٢
* حضرت پير محمد راشد روضي ڌڻي رح جو حضرت مخدوم احمدي خدائي رح ۽ حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي رح جن کان مستفيض ٿيڻ ٢٤
⁂ حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي رح جن جي پاڪ نياڻيءَ سان مخدوم محمد عاقل کهڙائي رح جن جو نڪاح ٿيڻ ٢٨
* حضرت مخدوم صاحب جن جي دعا سان پريالوءِ ڳوٺهيندڙ کي مدينه منوره جو مشاهدو ٣٠
* فيض واري لوئي رنگي ڏيڻ ٣١
* پراڻي خدمت گار کي 'مدني گهوٽ' جي زيارت ڪرائڻ ٣٣
* بي شمار پارس نيسر ۾ ٣٤

www.maktabah.org

* نادر شاهي سپاهين جو گاھ جي بند واري ڪرامت ڏسي مطيع ٿيڻ ۳۵
* نادر شاهي حملي ۾ اغوا ٿيل ناريءَ ڪي واپس موٽائڻ وارو عجيب واقعو ۳۸
* ٻانيڻ جو سندن نظر ڪيميا اثر سان عالم ۽ حافظ بڻجي پيش اماميءَ جو اعزاز ماڻڻ ۳۹
* نماز جي وقت حضرت مخدوم صاحب لاءِ بيت الله شريف آڻي بيهارڻ ۴۴
* شهنشاهِ ڪونين جي بارگاھ مان مولانا قاضي عبدالمطلب ڪي شفق متعلق حقيقت معلوم ڪرائڻ ۴۵
* روهڙيءَ جي بتخاني کي ڪرامت سان پاش پاش ڪرڻ ۴۹
* سندن توجه ۽ دعا سان مخدوم الله بخش کهڙائي رح جي دائمي فارغ البالي ۽ آسوده حالي ۵۱
* ڪجھ مزيد ڪرامتون ۵۷

سندن باري ۾ ممتاز اهل قلم جا مضمون

* مخددوم محمد اسماعيل پريان لوئي- دين محمد وفائي ۷۱
* مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي- ڊاڪٽر نواز علي شوق ۷۸
* مخدوم محمد اسماعيل جي حضور ۾- عبدالرحيم عبد منگريو ۹۲
* مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي- ڊاڪٽر يارمحمد قاضي ۹۳
* نذرانہ عقيدت ۱۰۱
* سندن ڪلام جو نمونو ۱۰۳
* بي مثال نمونہءِ جامعيت خطبہءِ جمع (فارسي) ۱۰۶

ضميما

* رسالہ عقيقہ جو عڪس ۱۲۳
* تنبيه الغافلين جو عڪس ۱۲۷

www.maktabah.org

ناشر طرفان پهاکر

احقر ربِ ذوالجلال جي بارگاهِ صمديت ۾ شڪر ۽ سپاس گذاريءَ سان سجده ريز آهي، جنهن حسبِ پروگرام اڪيڊميءَ طرفان ڏاڏي سائين جن جي ھي تاليف ڪي زيورِ اشاعت سان آراسته و پيراسته ڪري منظرِ عام تي آڻڻ جي توفيق و سعادت سان نوازيو.

قبله گاهم ڏاڏا سائين جن جڻ ته اعليٰ حضرت مخدوم پريالوئي جن جي ذات گرامي ۾ فنا ٿيل هئا ۽ اڪثر و بيشتر سندن دربار عاليه ۾ حاضري ڏيندا رهندا هئا ۽ اڪثر طور هر ڪنهن کي مشڪل ڪشائي و استمداد لاءِ اوڏانهن موڪليندا رهندا هئا.

حضرتِ مخدوم سائين جي ذات گرامي علم و عرفان جو آفتاب عالم تاب هئي. پاڻ روحاني خواه دنيوي سخا جو بي مثال بحر بيڪران هيا ۽ آهن. وقت جي بادشاهن کان وٺي هر طبقه سان واسطو رکندڙ ماڻهو سندن دربار ۾ حاضري ڏيندا رهيا آهن ۽ رهن ٿا. حضرت روضه ڌڻي رحه ۽ سندن والد بزرگوار حضرت پَٽ ڌڻي بادشاه جهڙيون عظيم

www.maktabah.org

روحاني شخصيتون سندن معتقد ارادتمند ۽ هيون. سندن ڪرامتون اڄ بہ جاري و ساري آهن. جيڪڏهن اهي مشاهدات ۽ واقعات گڏ ڪري لکجن تہ هوند ڪيئي دفتر پرجي وڃن.

الحمدلله، سندن ذاتِ گرامي جا اسان جي بزرگان محتشم و معظم جن سان گهرا تعلقات هيا ۽ سندن درگاه شريف سان هن درگاه جو اڄ تائين ساڳيو ئي رشتو ۽ تعلق آهي ۽ هن درگاه جو سجاده نشين مخدوم المعظم پريالوئي جن جي درگاهہ عاليہ جي سجاده نشيني جون خدمتون بہ سرانجام ڏيندو آهي.

ڏاڏا سائين جي مختصر ڪتابچہ جو مآخذ بہ اسان جي خاندان جي مشهور قلمي مسوده "آئينہ جهان نما" ۽ "تذڪره مخاديم ڪهڙا" آهن.

بدقسمتي سان حضرت مخدوم پريالوئي رحہ جن جي مفصل تذڪره يا مواد مفصل طور حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ناڪامي حاصل ٿي. حتيٰ ڪہ سندن ولادت جي تاريخ توڙي سندن ننڍپڻ خواه تحصيلِ علم و فيض جي سلسلہ ۾ بہ گهربل تفصيل نہ ملي سگهيا، تاهم مايوسيءَ بدران اها ڪوشش جاري رهندي تہ جيئن هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو وڌيڪ مفصل هجي.

درحقيقت ڪتاب جي اصل مسوده جا پنا مختلف جڳهن تان بي رحم اُڏوهيءَ ختم ڪري ڇڏيا آهن، ان ڪري اُهي مڪمل ڪرڻ لاءِ وري بہ اصل ماخذات جو سهارو وٺڻو پيو. مشهور اديب مرحوم دين محمد وفائي

www.maktabah.org

پنهنجي مشهور تاليف 'تذڪره مشاهير سنڌ' جي ٽنهي جلدن جي مواد جي سلسلي ۾ ڏاڏي سائين مرحوم جن وٽ ايندا رهيا ۽ درگاه جي قلمي مسوده 'آئينهءِ جهان نما' جو حوالو به ڏنو اٿن.

سنڌ ۾ مشهور مؤرخ ۽ تذڪره نويس چار ٿي گذريا آهن، مخدوم محمد عاقل چهارم عرف مخدوم پير محمد هاشمي رح (سندن مشهور تصنيف "تاريخ آئينهءِ جهان نما" اڻ ڇپيل قلمي مسودي جي صورت ۾ درگاه المخاديم کهڙا شريف جي قديم ڪتب خاني ۾ موجود آهي) مير علي شير قانع ٺٽوي رحه، مولانا دين محمد وفائي رحه ۽ سيد حسام الدين راشدي.

انهن هن فن ۾ پاڻ ملهايو، پر ڪانئن پوءِ ائين لڳي ٿو ته ڄڻ اهو سلسلو بند ٿي ويو آهي. اسان جي اڪيڊمي وس آهر اها ڪوشش ڪري رهي آهي ته جيئن ان قسم جا ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا وڃن. هن کان اڳ اسان حضرت مخدوم شفيع محمد هاشمي رح عرف الحاج مخدوم عبدالخالق (چهارم) جو لکيل ڪتاب "تاريخ و تذڪره بزرگانِ سنڌ" ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. جنهن کي عالمن اديبن تمام گهڻو پسند ڪيو آهي. هينئر اسان سنڌ جي هڪ وڏي عالم و عارف ۽ غوث زمان حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي رح جن تي ساڳئي مصنف الحاج مخدوم شفيع محمد عرف مخدوم عبدالخالق هاشمي رح جو لکيل ڪتاب ڇپرائي رهيا آهيون. هن ڪتاب ۾ اسان مخدوم صاحب رحه جي ميڙيل مواد کان علاوه مولانا دين محمد وفائي رحه،

www.maktabah.org

ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ قاضي يار محمد رح جا مضمون پڻ شامل ڪيا آهن، ان ڪان علاوه قبلہ مخدوم صاحب رحہ جن جا ہہ آڳاتا ڇپيل رسالا "رساله عقيقه" ۽ "تنبيه الغافلين" ضميمي طور ڏئي رهيا آهيون، جيڪي اسان ڪي پياري دوست بشير احمد هيسباڻيءَ قرب ڪري موڪلي ڏنا، قاضي يار محمد وارو مضمون پڻ مهرباني ڪري موڪلي ڏنائون. جنهن لاءِ مان سندن تمام گهڻو ٿورائتو آهيون. ان ڪان علاوه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جي رهنمايانہ، مشورن ۽ هميشہ وانگر هن علمي ادبي ڪمن ۾ اسان سان تمام گهڻو سهڪار ڪيو آهي. جنهن لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان.

ازهمه دوستان طلبِ دعا دارم،
زآنکه من بندهٔ گنهگارم-

خادم الفقراء و الصلحاءُ
مخدوم نديم احمد الهاشمي کهڙائي

www.maktabah.org

ڪجھ اکر (احوال- واقعي)

اولياء را هست قدرت ازالـه
تير جفته باز گردانند زِ راه-

الحمدلله، "مخدوم عبدالرحمان شهيد اڪيڊمي کهڙا" جي اشاعتي پروگرام جي ٻي ڪَڙي طور "تاريخ و تذڪره بزرگان- سنڌ" جي فاضل مؤلف الحاج مخدوم عبدالخالق عرف شفيع محمد هاشمي رحہ، (سجاده نشين ۳۰، درگاه المخاديم کهڙا شريف) جي ٻي تاليف، جيڪا سيد العارفين اعليٰ حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريالوئي رحہ جن جي مختصر تعارف تي مشتمل آهي، زيور- اشاعت سان آراستہ ٿي قارئين- ڪرام جي هٿن ۾ پهچي رهي آهي. ان لاءِ اسين سيئي بارگاهِ ايزدي ۾ مشڪوري جي جذبات سان سر بسجود آهيون. ان جي توفيق و عنايت ۾ پروگرام جي ٻين ڪڙين جي اشاعت جي توفيق و سعادت لاءِ بہ اميدون ۽ التجاؤن آهن.

حضرت پَٽ ڌڻي بادشاه رحہ جن جهڙي مثالي عظيم علمي و روحاني شخصيت جي ارادت و صحبت واري مرڪوز هستي يعني مخدوم سائين پريالويءَ رحہ جن جهڙي جامع الصفات عظيم روحاني و علمي شخصيت جي سوانح مبارڪ جا ڪيئي پهلو تشنهءِ تحقيق آهن ۽ معلوم نہ ٿي

www.maktabah.org

سگھيا آهن. مثلاً سندن ولادت جي تاريخ، شجره خاندان، ننڍپڻ جا حالات، تعليم، سندن استادن جا نالا، پاڻ ڪٿي ڪٿي سڪونت اختيار ڪيائون. (پريالوءِ ڪان اڳ ۾). سندن قريبي دوستن ۽ احباب جي مفصل لسٽ- ان سلسلي ۾ احقر ته پنهنجي وس آهر ويجهڙائيءَ جي علائقن ۾ وڃي يا بالواسطه ڪوششون ڪيون، پر ضرورت آهي هر طرف ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش جي. جنهن لاءِ گهڻو وقت گهرجي. خدا ڪري ته هن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي تائين سچڻن ۽ سڄاڻ همدردن توڙي مخدوم سائين جي عقيدت مندن جي تعاون ۽ تنذهي سان سموري يا گهڻي قدر گهربل معلومات حاصل ٿي وڃي ۽ اهڙي طرح هيءُ ڪتابچه ان سلسلي جي معلومات جو مجموعو ثابت ٿي سگهي. واالله الموفق-

ڪتابچه جي متن جي ٻولي ۽ انداز- بيان وغيره کي اصل صورت ۾ رهائڻ جو مقصد ٻه ان جي اثرائتي ۽ فطري (اگرچه قديم) خوبين سان پڙهندڙن کي مستفيض و مستفيد بنائڻ آهي. بهرحال، قارئين کي هن ڪتاب جي سلسلي ۾ ان جي تڪميل- معلومات جي سلسلي ۾ تعاون لاءِ گذارش ڪرڻ ضروري ٿا سمجهون.

اصل ڪتابچه جي آخر ۾ ضميمه طور حضرت مخدوم المخاديم مخدوم العالم سائين جن جو مشهور خطبهءِ جمع، مداح تيه اڪري درشان سيدنا غوث الاعظم بغدادي رحه، سندن مولود ۽ چند ٻين ڪرامتن جو ذڪر آندو ويو آهي. الله پاڪ پنهنجي هن فياض محبوب ٻانهي جي تصدق هن عاجز کي ٻه پنهنجي خصوصي نظرِ عنايت سان نوازڻ فرمائي.

سگِ استانهءِ سرڪارِ پريالوئي.
٢- آڪٽوبر ١٩٩٨ع
فقيرِ عاصي کهڙائي سومرو

www.maktabah.org

حقيقت حال

الحمدلله كفيٰ والصلواة والسلام عليٰ سيد المرسلين و عليٰ عباده الذين اصطفيٰ

اما بعد- احقر مؤلف ذاتي طور ﹰ آفتابِ آسمانِ رشد و هدايت و طريقت امام العارفين سراج السالڪين حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحہ پريالوءِ وارن جو اراتمند رهيو آهي. سندن ديني خدمات ۽ روحاني تصرفات توڙي ڪرامات جو ڪاٿو ئي ڪينهي. اڄ تائين سائل سندن مزارِ پُرانوار تي استمدادِ روحاني لاءِ حاضر ٿيندا رهن ٿا ۽ مسرتون شادمانا ماڻي واپس ورندا رهن ٿا.

حضرت مخدوم صاحب جن جي رشتيداريءَ جو شرف اسان جي نامور اجداد مان حضرت مخدوم محمد عاقل رحہ سائين جن کي حاصل ٿيو ۽ اڄ تائين ٻيئي درگاهون چڻ ته هڪ ئي آهن. اسان جي درگاه جو سجاده نشين قبلہ مخدوم پريالوئي رحہ جن جي درگاه عاليہ جو ﹰ جانشين ليکيو ويندو آهي. اسان جي خاندان سان سندن دلي محبت ۽ شفقت جو لڳاءُ تاريخ جو هڪ روشن باب رهيو آهي ۽ اسان کي اهڙي عظيم روحاني و علمي هستيءَ جي خصوصي عنايات ۽

www.maktabah.org

شفقتن تي ناز آهي ۽ رهندو.

هتي اڪثر مجلسن ۾ حضرت مخدوم پرياليءَ وارن جي ڪرامات ۽ تصرفات جو تذڪره ٿيندو رهندو آهي. چنانچہ ڪن مخلص احباب جي طرفان مشوره مليو تہ حضرت سائين جن جي حالات ۽ ڪرامات جو مجموعو تاليف ڪجي. وڏي ڪوشش ڪئي ويئي، پر سندن سوانح مبارڪ جا مڪمل ڪوائف ڪونہ ملي سگهيا. وري بہ خوش قسمتي سان اسان جي جدِ امجد حضرت مخدوم محمد عاقل سائين جي مبسوط و مفصل تاريخ 'آئينءِ جهان نما' ۽ ان تان اخذ ڪيل اسان جي نامور عالم جناب مخدوم الله بخش عاصي جي لکيل قابل قدر 'تذڪره مخاديم کهڙا' ۾ مخدوم معظم پريالوئي رحہ جن جا ڪجھ حالات ۽ ڪرامات مليا، جيڪي اخذ ڪري ڪجھ ٻين هندان گڏ ڪيل روايتن سميت هن مجموعہ ۾ شامل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪجي ٿي.

ڪاش! سندن مڪمل احوال دستياب ٿئي تہ اهو بہ هن مجموعي ۾ شامل ڪري ان کي مڪمل حوالہ وارو بڻائي سگهجي.

الله جل شانہ جي در سدائين دعا آهي تہ پنهنجي هن پياري ۽ مقبول ٻانهي جي صدقي هن احقر کي دارين جي سعادتن ۽ خاتمہ بالخير سان نوازي.

العبدالضعيف

مخدوم شفيع محمد هاشمي کهڙوي

١٥ـ شعبان ١٣٦٧ھ

www.maktabah.org

پيش لفظ

سنڌ جي صوفين عارفن ۽ سنڌ ۾ تصوف جي طريقن بابت چڱو خاصو مواد موجود آهي، پر هن موضوع تي جيترو ڪم ٿيڻ گهرجي اوترو اڃان نہ ٿيو آهي. ڪتاب "پرين پريان لوءِ" جي اشاعت، سنڌ ۾ تصوف جي موضوع تي هڪ بيش بها اضافو آهي.

١٢ صدي هجري ۾، شهر ٺٽي جي نقشبندي عارفن جي برڪت سان لاڙ ۾ نقشبندي طريقي جو ذڪر فڪر گهڻو وڌيو. اتر سنڌ ۾ مخدوم محمد اسماعيل رحہ ئي ان وقت نقشبندي طريقي جو يگانو عارف هو. مخدوم صاحب جي سوانح ۽ ذڪر فڪر بابت معاصرانہ ماخذ باقي نہ بچيا آهن، جيتوڻيڪ روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن وقت ڪي اهڙا ڪتابڙا موجود هئا. موجوده ذخيرن مان مخدوم الله بخش کهڙوي جو ڪتاب "مخاديم کهڙا" هڪ اهم ماخذ آهي، جنهن ۾ مخدوم محمد اسماعيل جي سوانح تي روشني وڌل آهي. هن ڪتاب "پرين پريان لوءِ" ۾ ان ماي ناز هستيءَ متعلق معلوماتي مواد شامل آهي.

سلوڪ ۽ طريقت، فيض ۽ فضيلت ۾ مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي اعليٰ مقام جو اندازو ان مان ٿي سگهي ٿو

www.maktabah.org

جو علم ۽ عرفان جا ٻه وڏا سلسلا ساڻن رشتيداري، محبت ۽ عقيدت ۾ وابسته يعني شهر کهڙا جي اعليٰ علمي درسگاهن جا اُستاد شريعت جا روشن ستارا شهر کهڙا جا هاشمي مخدوم صاحبان ۽ قادري طريقه ۾ علم و عرفان واري اهم درگاهه پاڳارا پير صاحبان.

هن ڪتاب ۾ انهن ٻنهي سلسلن تي روشني وڌي وئي آهي. جناب پاڳارن صاحبن جو مخدوم صاحب جن سان روحاني تعلق جو سلسلو دائم قائم آهي. وڏي پير صاحب پاڳاري شمس العلماءَ شاه مردان شاه صاحب جن مخدوم صاحب جن جي مزار ۽ مسجد شريف جي عمارت اڏائي ۽ پڻ مخدوم صاحب سان روحاني محبت جو اظهار ڪندي فرمايائون ته، "اڳ هي شهر هو "پريالوءِ" ('پريا' قبيلي جو شهر) هاڻي ان کي "پريان لوءِ" (پياري پرين جو شهر) جو نالو ٿا ڏيون". پوءِ شهر تي اهوئي نالو پئجي ويو. هن وقت موجوده پير پاڳاره شاه مردان شاه ثاني مخدوم صاحب جي مزار واري عمارت جي نئين سر تعمير ڪرائي رهيا آهن، ساڳئي وقت کهڙن جي مخدومن صاحبن طرفان ڪتاب "پرين پريان لوءِ" جي اشاعت مخدوم محمد اسماعيل ٻلاري جي روحاني فيض جي جاري ساري هجڻ تي شاهد آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
٢٥- شعبان ١٤١٩هه
١٢- ڊسمبر ١٩٩٨ع

www.maktabah.org

سلطان العارفين امامر الاولياءُ سراج العلماءَ

حضرت مخدومر محمد اسماعيل پريان لوئي[1]

(سن- ولادت نامعلومر (سن وصال ۱۱۷۴ھ بمطابق ۱۷۶۰ع)

اجمالي تعارف ۽ حالات

سندن نامِ ناميٰ اسمر گرامي تہ محمد اسماعيل هو، پر لقب مقدس "عبدالرسول" هو. هي سڳورو سائين ذات جو جوڻيجو چيو وڃي ٿو ۽ اصل لاڙڪاڻي جي ڀهراڙيءَ جي ڳوٺ ٽيڙ تعلقہ لبدريا جو ويٺل هو. اتان نقل مڪاني ڪري اچي مرشد سڳوري قبلہ حضرت "سيد حاجي جمال الله شاه" ساڪن "ڀرالو" (عرف پريان لوءِ) جي وسنديءَ ۾ رهيو.

۱- مخدومر محمد اسماعيل پريان لوئي رحمتہ الله عليہ، مخدومر محمدي ۽ احمدي، فرزندانِ ارجمندان مخدومر عبدالرحمان شهيد في سبيل الله رحمهما الله تعاليٰ اجمعين جن جو همعصر دوست ۽ مائٽ هو. سندس نياڻي پاڪ- بيبي معصومہ مخدومر احمدي کهڙائيءَ جي وليعهد فرزند ارجمند حضرت محمد عاقل رحمتہ الله عليہ جي عقد ۾ ڏنل هئي. سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ ٻي شخصيت انهيءَ ساڳئي نالي سان مشهور آهي. اها آهي مخدومر اسماعيل سومري اگهمر ڪوٽيءَ جي ذات گرامي جيڪو سڳورو بزرگ حضرت مخدومر محمد اسماعيل پريان لوئي کان تقريباً هڪ صدي کن اڳ ۾ ٿي گذريو آهي. مخدومر اسماعيل سومري اگهمر ڪوٽي، حضرت احمد الڪتابيءَ جو استاد هو. احمد الڪتابي بزرگ عالمر، (حاشيو جاري)

www.maktabah.org

"پرالو" کي بدلائي بعد ۾ حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمت الله عليہ جي مريدن ۽ معتقدن "پريان لوءِ" يعني (پرينءَ جي رهڻ جي جاءِ) رکي ڇڏيو ۽ ان نالي سان اڄ سوڌو مشهور آهي. کين کوبہ پُٽاٽو اولاد ڪونہ هو. صرف هڪ نياٽي هئي. جنهن جو نڪاح پنهنجي عزيز دوست ۽ ساٿي حضرت مخدوم احمدي خدائي هاشمي کهڙائيؒ جن جي فرزند ارجمند (وليعهد) حضرت مخدوم محمد عاقل (ثالث) رحمهما الله تعالىٰ! سان ڪرايو هئائون. جنهن بيبي سڳوريءَ جي بَطن اطهر منجهان حضرت مخدوم ضياءُ الدين محمد ولد حضرت مخدوم محمد عاقل ثالث رحمهما الله تعالىٰ عليہ تولد ٿيو. ۽ اهو سڳورو سائين (يعني حضرت مخدوم ضياءُ الدين محمد) پنهنجي والد بزرگوار حضرت مخدوم محمد عاقل ثالث رحمۃ الله عليہ جن جي وفات بعد (کهڙن ۾) پنهنجي وڏن بزرگن جي سجاده شريعت تي ويٺو ۽ تقريباً ڇھ اٺ مهينا نهايت تزڪ واحتشام ـ عز و احترام ۽ پوري وقار سان مسند نشيني جا فرائض سرانجام ڏئي، ساڳئي ئي سال انتقال فرمائي ويو ۽ ڪائن بعد سندن برادر عزيز حضرت مخدوم عبدالخالق (دوم) ولد حضرت مخدوم محمد عاقل ثالث مسند شريعت تي جلوه فرما ٿيو.

حضرت مخدوم محمد اسماعيل معظم رحمۃ الله عليہ

فاضل شخصيت ٿي گذريو آهي. جنهن ڪان ٺٽي جي عظيم استاد ۽ بزرگ حضرت مخدوم عنايت الله علم حاصل ڪيو. مخدوم عنايت الله مخدوم محمد هاشم (ٺٽوي) جهڙي برگذيده عالم فاضل جو بہ استاد محترم هو.

www.maktabah.org

جن صوري توڙي معنوي ڪمالات جا صاحب هئا. علم ۽
فضل جي اعتبار کان هڪ عظيم الشان بَحربيڪران ۽ عالي
مقام شخصيت جا مالڪ هئا. معقولات توڙي منقولات جا
مڙئي ڪتاب۔ تحصيل علم خاطر پنهنجي هٿ سان لکي
راس ڪري پاڻ وٽ رکي ڇڏيا هئائون. تحرير جو ڪين ايڏو
تہ زبردست مَلڪو ۽ ايڏو تہ ڪمال مُيسّر هو جو هر روز عصر
نماز تائين هڪ مڪمل "جُزءُ" لکي وٺندا هئا. ڪڏهن
ڪڏهن تہ ائين پڻ ٿيندو هو، جو پاڻ ٿاڪ منجهند جو
"قيلولہ" ڪندي محو خواب هوندا هئا. هوڏانهن سندن قلم
مبارڪ خودبخود لکيت جاري رکندو هو. اها سندن ڪرامت
عام طور تي ڏٺل ۽ ٻڌل هئي. سندن لکيل قرآن مجيد۔
مصحف حميد جا ڪيئي نسخا موجود هئا ۽ علحيده علحيده
سيپارا پڻ لکي صندوقون ڀري ڇڏيندا هئا. يا وري عوام
الناس ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. سندن تحريري ڪم بهرحال
مدام جاري رهندو هو. جڏهن بہ نئين سرڪلام الله جي
تحرير شروع ڪندا هئا. تہ اڳ ۾ تمام "اسماءَ الله الحسنيٰ"
شنگرف سان سنها سنهڙا حاشيہ ٻڌائي لکندا هئا. ٻيا بہ
جيڪي شرعي يا درسي ڪتاب لکندا هئا تہ اهي سڀ پڻ
محشي هوندا هئا. سندن ڪيئي پنهنجا جوڙيل "جمعہ جا
خطبا" آهن. جيڪي خود پاڻ پنهنجي مسجد سڳوريءَ ۾
پڙهيائون. ۽ اڄ سوڌو جمعي جي خطبن ۾ عام جام پڙهبا
رهن ٿا. پاڻ سائين فارسي توڙي سنڌي زبان ۾ حمديہ ۽ نعتيہ
شعرو شاعري ڪندا هئا. سندن ڇپيل ڪيئي نعتون (مولود)
زبان زد خواص و عام آهن.

www.maktabah.org

سندن ڪرامتون

سندن ڪرامتون بي حد و بي حساب آهن. جن مان ڪن ٿورين جو ذڪر هت ڪريون ٿا:

حضرت مخدوم محمد اسماعيلؒ جن جي وساطت سان پير محمد بقا شاهؒ کي فيض ملڻ

پير محمد بقا اصل ويٺل سائدي تعلقه گمبٽ جو هو. گهڻي مدت کان پوءِ مِٽن مائٽن جي بي صلحي جي ڪري ڳوٺ ڪنگري تعلقه روهڙي ۾ وڃي رهيو. سندس مرادمندي انوقت جي بزرگ ڪامل مخدوم محمد اسماعيل پريالوي سان گهڻي هوندي هئي. ۽ منجهس پورو پورو اعتماد ڄمائي کيس دست بعيت ٿيڻ لاءِ عرض ڪيائين. جنهن کيس هي جواب ڏنو ته، "جلد هڪ بزرگ ڪامل توهان کي دست بيعت ڪندو ۽ ڪانئس ئي توهان کي فيض ڪامل حاصل ٿيندو." تنهن تي پير محمد بقا چيو ته، "مون کي ان بزرگ جي ڪئن شناس ٿي سگهندي؟" مخدوم صاحب فرمايو ته، "اهو شخص جلد توهان وٽ اچي مهمان ٿيڻو آهي ۽ توهان مهمان نواز طور هن کي ماحضر ماني مڇي پيش ڪندؤ. هو پنهنجي ڪرامت سان ان پڪل مڇي کي جياري ڇڏيندو."

آخر ڪجهه ڦت گذرڻ کان پوءِ هڪ سيد بزرگ درگاه چناه وارن مان جنهن کي جيلاني صاحب ڪري سڏيندا هئا، پير محمد بقا وٽ اچي مهمان ٿيو ۽ پير صاحب سندن کائڻ لاءِ ماني مڇي تيار ڪري پيش ڪئي ته جيلاني صاحب بنا دير چوڻ لڳو ته، "هي مڇي ته جيئري آهي، جنهن کي پير صاحب غور سان ڏنو ته برابر مڇي جيئري هئي. پير صاحب

www.maktabah.org

کي مخدوم صاحب وارو فرمودو ياد اچي ويو ۽ جيلاني صاحب کي عرض ڪري چيائين ته، ”مون کي مريد ڪريو. هُن چيس ته، ”جنهن توهان کي منهنجو ڏس ڏنو آهي، اول ان سان ملاقات ڪرايو، تنهن کان پوءِ توهان کي مريد ڪندس.“ پير صاحب ڇا ڪيو جو هڪڙي چڱي دعوت جو انتظام ڪري مخدوم صاحب کي دعوت ڏئي پاڻ وٽ آندائين. اتي ٻنهي بزرگن جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي. ان بعد جيلاني صاحب پير صاحب کي دست بيعت ڪيو ۽ چيائين ته، ”توهان کي ڪنهن به وقت مشڪل پيش اچي ته بنا دير مخدوم صاحب پريالوي جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪائنس مشڪل حل ڪرايو.“ ائين چئي جيلاني صاحب موڪلائي هليو ويو. ان کان پوءِ پير محمد بقا سال ۾ هڪ دفعو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ۽ مخدوم صاحب پريالوي جي خدمت ۾ به ايندو ويندو هئو. سندس اچڻ وقت مخدوم صاحب استقبالي اٿڻ کان سواءِ سندس گهڻي تعظيم تڪريم ڪندو هو.

سندس ٻن پٽن سيد عبدالرسول شاهه ۽ سيد عبدالسليم شاهه جي ولادت با سعادت کان پوءِ مخدوم صاحب استقبالي اٿڻ کان سواءِ به سندن تعظيم تڪريم ڪندو هو. جيئن ته ٻه ٽي دفعا سندس اچڻ وقت مخدوم صاحب سندن استقبال لاءِ اٿيا هئا. ان کان پوءِ وري استقبالي اٿڻ بند رکي سندس باقي تعظيم تڪريم تي اڪتفا ڪيائون. پير صاحب ڪين هڪ دفعي اشاراتاً عرض ڪيو ته، ”اي حضرتا! اوهان فقير کي وڏين مهربانين جو مستحق ڪري وري عدم مهرباني ڇو ٿا ڪيو؟“ جواب ۾ چيائون ته، ”جنهن چيز جي

www.maktabah.org

ڪري توهان جي استقبال لاءِ اٿيس ٿي اها چيز هن وقت پاڪن جي رحم ۾ جاگير ٿي آهي. (يعني اسباب ولادت پير سيد محمد راشد جو.) ان جواب ٻڌڻ ڪري پير صاحب خاموش رهيو. پير صاحب کي جملہ چار فرزند تولد ٿيا. ١ـ سيد عبدالرسول شاهہ ٢ـ سيد عبدالسليم شاهہ ٣ـ سيد پير محمد راشد شاهہ ۽ ۴ـ سيد علي مرتضيٰ شاهہ. پير صاحب محمد بقا هزارن جي تعداد ۾ مريدن کي ظاهري باطني فيض کان فيضياب ڪري سنہ ١١٧٠ھ ۾ وفات فرمائي. سندس مزار شريف گورستان شيخ طيب عليہ الرحمه جي ۾ زيارتگاه آهي.

حضرت پير صاحب محمد راشدؒ جو حضرت مخدوم احمدي خدائيؒ ۽ حضرت مخدوم صاحب پريالوئيؒ کان مستفيض ٿيڻ

پير صاحب محمد راشد وڏو فاضل اجل بزرگ اڪمل صاحب ڪرامات جو ٿي گذريو آهي. هزارن ماڻهن کي پنهنجي فيض ارشاد سان رهنمائي ڪري صاحب ڪماليت جو بنائين. سندس شجره شريف هيٺين ريت آهي: پير مخدم راشد بن سيد محمد بقا سائيدي وارو (جنهن جو ذڪر هن رسالي جي پهرئين حصي ۾ ٿي چڪو آهي) بن سيد محمد امام، بن سيد فتح محمد بن سيد شڪرالله بن سيد عثمان بن سيد ڪتن شاه بن سيد سڪره شاهہ بن سيد لولن شاهہ بن سيد حسين شاهہ بن سيد مير علي، بن سيد ناصر الدين، بن سيد عباس، بن سيد بهاؤالدين، بن سيد محمود، بن سيد حسين، بن سيد جهنگ شاهہ بن سيد علي لڪعلوي وهوالذي

www.maktabah.org

جاءَ من العرب في السند، بن سيد عباس بن سيد حسين، بن سيد راشد، بن سيد زيد، بن سيد جعفر، (ثاني) بن سيد حمزه، بن سيد عمران، بن سيد هارون، بن سيد عبدالله، بن سيد عبيدالله، بن حضرت سيد امام موسيٰ ڪاظم رضہ بن سيد حضرت امام جعفر رضي الله عنہ.

پير محمد راشد ۱۴- ۱۵ سالن جي ڄمار ۾ حضرت مخدوم محمدي صاحب کهڙائي وٽ ديني تعليم حاصل ڪندو هو ۽ سمورو ڪاروبار ننگر جو سندس هٿ هيٺ رهندو هو. ان وقت مخدوم صاحب جون مينهون پير عيسيٰ جي ڳوٺ وٽ رهنديون هيون. (اهو ڳوٺ کهڙن کان ٻہ ميل کن پري آهي) سندس خدمتگار شام جو روازنو ننگر فقراءَ لاءِ کير پهچائي ويندا هئا.

مگر هڪ دفعي ڪائنن کير پهچائڻ ۾ غفلت ڪري سستي ٿي هئي، جنهن ڪري پير صاحب موصوف تڪڙو تڪڙو اتي پهچي کير جو دلو ڀرائي مٿي تي کڻي سڌو حويلي جي دروازي وٽ اچي پهتو. در جي ويجهو عصمت و عفت پناه حضرت بي بي صاحبہ والده ماجده مخدوم ميان احمدي صاحب جي بيٺل هئي. اها بي بي صاحبہ عارفہ ڪاملہ صاحبہ فيض جي هئي ۽ هڪ ڪپڙي ۾ احرام ٻڌي گهٽي عجز نياز سان بيٺي پيرين هڪ ڪروڙ صلواة قدسي جو پڙهيو هئائين. ۽ پير صاحب کي پنهنجي شفقت ڪري پٽ سڏيو هئائين. پير صاحب جو آواز ٻڌي ڪري چيائين تہ: "اي پٽ! تون وڏي تڪليف ورتي آهي. شال خدا تعاليٰ توکي ڪماليت وارو فرمائي." ان کان پوءِ سندس مٿي تي هٿ گهمائي چيائين تہ: "تنهنجي مٿي جي وارن جيترا ماڻهو

www.maktabah.org

تنهنجي فيض مان فيضياب ٿيندا." تنهن بعد پير صاحب جي دهن شريف ۾ لعاب دهن وجهي فرمايائين ته: "جنهن به فرد انسان کي پنهنجي زبان سان ڪلمه توحيد جو ارشاد ڪندين ته تير بهدف اثرائتو ٿيندو."

ان کان پوءِ پير صاحب ننگر جي ڪاروبار ۽ مهمان نوازي ۾ وڃي مشغول ٿيو. صبح جو وقت حضرت مخدوم احمدي صاحب پير صاحب کي تلقين ۽ ارشاد ڪري ڪيس اجازت ڏئي چيائين ته: "اگر زياده ڪماليت جو طلبگار آهين، ته باقي تنهنجي امانت حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريالوءِ جي سپرد ٿيل آهي. ان وٽان وڃي حاصل ڪريو.

ان ڪانپوءِ پير صاحب روضي ڏٽي رحه حضرت مخدوم صاحب کهڙائي کان موڪلائي مخدوم صاحب پريالوءِ جي خدمت گرامي ۾ حاضر ٿي درگاهه عاليه جي خدمتگذاري ۽ مسجد شريف جو مرامتي ڪم مٽي پرڻ وغيره ۾ وڃي مصروف ٿيو. پير صاحب هڪ دفعي تغاري پريل مخدوم صاحب پريالوئي جي سامهون مٽي تي ڪنيون ٿي آيو. پاٽي جون ريگاڙيون سندن منهن تي ٿي وهيون. مخدوم صاحب کيس اهڙي حالت ۾ ڏسي چيو ته، "اي محمد راشد! هيڏانهن آءُ ۽ منهنجي خلوت خاني جي دري ۾ جو ڪجهه پيل ڏسين سو کڻي اءُ!" پير صاحب جان وڃي ڏسي ته دري ۾ ست ڪارا مرچ پيل آهن. اُهي کڻي آيو.

مخدوم صاحب کيس چيو ته، "اهي ڪائي ڇڏ؟" خدا جي فضل سان ستن پيڙهين تائين روز بروز ترقي ۾ هوندؤ.

www.maktabah.org

جيڪڏهن ذڪر فڪر سان محبت رکندؤ ۽ سخاوت وغيره ديني امورن ۾ مائل هوندؤ ته اوهان جي خاندان کي ڪنهن به قسم جو نقص نه پهچندو. ان ڪانپوءِ پير صاحب زهد رياضت ۾ سرگرم ٿي فيض رساني ۽ خلق خدا جي رهبري ۾ مشغول رهيو. سندس فيض جي شهرت چئني طرفين عالم آشڪار ٿي وئي. هندستان، افغانستان، ڪوهستان ۽ بلوچستان وغيره ملڪن جا هزارين ماڻهو سندن خدمت گرامي ۾ اچي حاضر ٿي سندن فيض کان بهره ور ٿي ويندا هئا.

سنڌ ملڪ ۾ سندن وڏا خليفا ٻه هئا: ١- بزرگ صاحب سوئي شريف وارو ۽ ٢- حافظ صاحب ڀرچونڊي شريف وارو. حافظ صاحب جا پڻ ڪيترائي خليفا صاحب فيض برڪت جا ٿي گذريا آهن. جهڙوڪ دين پور متصل خانپور، چاندڻ، امروٽ ۽ خانگڙهه وغيره. سوئي شريف جا خليفا پڻ اهڙي ڪماليت جا صاحب ٿي گذريا آهن. پير محمد راشد کي چوڏهن فرزند تولد ٿيا هئا. ١- سيد پير صبغت الله شاهه سجاده نشين، ٢- سيد حسن شاهه، ٣- سيد هدايت شاهه، ۴- سيد ميان محمد ڪريم شاهه، ٥- سيد ميان حامد شاهه، ٦- سيد ميان محمد بقا شاهه، (ان کي وڏل شاهه به سڏيندا هئا)، ٧- سيد ميان اسماعيل شاهه، ٨- سيد ميان شاهه نواز شاهه، ٩- سيد ميان مهدي شاهه، ١٠- سيد ميان احسن شاهه، ١١- سيد ميان غلام محي الدين شاهه، ١٢- سيد ميان محمد صادق شاهه، ١٣- سيد ميان مبارڪ شاهه ۽ ١۴- سيد ميان ياسين شاهه.

www.maktabah.org

حضرت پير روضي ڏٽي، ٢٩ رجب جمع ڏينهن سنہ ١٢٣٣ھ ۾ وفات فرمائي. ان کان پوءِ سندس فرزند پير سيد صبغت الله شاه صاحب (جنهن کي تجر ڏٽي ڪري سڏيندا هئا) مسند نشين ٿيو. پنهنجي فيض ۽ رشد سان رهبري ڪيائين، ڪيس جملہ ست فرزند تولد ٿيا هئا: ١- پير سيد علي گوهر شاه سجاده نشين، ٢- پير غلام مصطفيٰ شاهہ، ٣- پير سيد عبدالقادر شاهہ، ۴- پير سيد علي محمد شاهہ، ۵- پير سيد علي حيدر شاهہ، ٦- پير سيد شاهمردان شاه ۽ ٧- پير سيد علي ذولفقار شاهہ.

حضرت مخدوم محمد اسماعيل رح جن جي پاڪ نياڻي سان مخدوم محمد عاقل کهڙائي رح جن جو نڪاح ٿيڻ

پير سائين تجر ڏٽي اٺونجاه ورهين جي ڄمار ۾ سنہ ١٢۴٦ھ ۾ رحلت ڪئي.

مخدوم محمد عاقل صاحب کهڙائي مخدوم محمد اسماعيل پرياڻوءِ واري جي معصوم سان شادي ڪئي هئي. سندن قصو هن ريت آهي تہ، مخدوم صاحب جي وفات کان پوءِ سندن معصوم عالم فاضل ڪاملہ موجود رهي. جنهن جي عقد نڪاح لاءِ مخدوم محمد عاقل صاحب ۽ ڏاريجا زميندار پرياڻوءِ وارا ۽ ڪي سادات صاحب اتان جا خواهش مند هيا. جنهن ڪري سندن درميان گهڻو تڪرار هلي رهيو هو، آخر مخدوم صاحب جي مزار شريف تي استخاره ڪرڻ کان بعد ڪيفيت هن ريت معلوم ٿي تہ، اولهہ طرف کان هڪ مجذوبہ عورت (مستاني) ننگي ويٺل

www.maktabah.org

آهي، گلن سان ڀريل ٿالهي ڪيس هٿ ۾ ڏيو، جنهن جي دستار تي وجي رکي ته اها بازو معصوم جي سندن حوالي آهي."

آخر ڪار سيني با اتفاق تي ڪيس گلن جي ٿالهي هٿ ۾ ڏني. جيئن ته مخدوم صاحب لڳو لڳ ٻه ڏينهن مجلس ۾ موجود ڪون هو، تنهن ڪري اها مستاني ٻه ڏينهن متواتر ٿالهي گهمائي واپس هلي وئي. ٽئين ڏينهن ٿالهي گهمائيندي حضرت مخدوم صاحب محمد عاقل وٽ اچي سندن دستار مبارڪ تي رکيائين. مخدوم صاحب پنهنجي دلي ڪاميابي حاصل ٿيڻ ڪري گهڻي خوشنودي ڏيکاري هئي، جنهن ڪان پوءِ سُنت ساڻس شادي ڪري عقد نڪاح ڪيو هئائين. اها بي بي صاحبه تمام باڪمال خدا رسيده ۽ عارفه ڪامله هئي. سندس ڪرامتون تمام گهڻيون آهن، جي هن مختصر رسالي ۾ درج نه ٿيون ڪيون وڃن. سندن تربت عام ماڻهن جي حاجت روائي لاءِ کهڙن ۾ قبه شريف جي ڏکڻ طرف ڪان عام مشهور آهي.

بيبي صاحبه رح جي نسبت جي ڪري حضرت مخدوم محمد اسماعيل رح جن جي درگاه/ ۽ کهڙن جي مخدوم صاحبن جي درگاه پاڻ ۾ ضم ٿي ويون. ۽ اهو ئي سبب آهي جو درگاه عاليه کهڙا شريف جو سجاده نشين ساڳئي طرح حضرت قبله مخدوم محمد اسماعيل رحه جن جي درگاه شريف جو سجاده نشين پڻ هوندو آهي ۽ اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين (١٤١٩هه) قائم آهي.

www.maktabah.org

حضرت مخدوم صاحب جن جي دعا سان پريالوءِ ڳولهيندڙ کي مدينہ منوره جو مشاهدو

روايت آهي تہ هڪ عورت ڏوڏياڻي (ڏڏ وڪڻڻ واري) ڀھراڙيءَ کان پريان لوءِ شهر ڏي ڏڏ وڪڻڻ لاءِ وئي تي تہ درميان ۾ رستو گم ڪري، بيهي رهي، اوچتو انهيءَ واه کان حضرت مخدوم صاحب بہ آيو تي، ان عورت ڪائونس پڇيو تہ، "اي شخص پريان لوءِ جو شهر ڪٿي آهي؟" مخدوم صاحب خيال ورتو تہ پريان بمعنيٰ دوست ۽ لوءِ بمعنيٰ شهر يعني دوست جو شهر چو نہ ان عورت کي دوست جو شهر ڏيکارجي، اهو خيال وٺي کيس چيائين تہ اکيون بند ڪري. جان ڪٽي اکيون کولي تہ جهان ئي اور نظر آيو.

رڳو هٿا عبا ۽ قبا- ڍگها جبا ۽ عقال و رومال. هي تہ مائي جي لاءِ بلڪل اڻ ڏٺل ڏيهہ هو. نہ ٻولي سمجهي نہ ڳالهائي. وائڙي ٿي هيڏي هوڏي ڏسڻ ۽ نهارڻ لڳي تہ نہ مخدوم محمد اسماعيل نہ سندس ڏس پتو- اچي مائي ڦاٿي سو لڪُ لنگهہ جهلي ويٺي روئڻ. دانهون ڪوڪون ڪرڻ ۽ روج راڙو مچائڻ. هوڏانهن اوپرا ماڻهو سندس ماجرا پڇڻ کان عاري، ڪنهن کي پلا ڪهڙي خبر تہ مائيءَ سان ڪهڙي ويڌن آهي. چا وڃايو اٿس جو ويٺي تي روئي. راهہ ويندڙ کيس ڏسي هليا وڃن. تان تہ ڪنهن ساعت حضرت مخدوم محمد اسماعيل جن اچي مائي وٽ پهتا، چا ڏسن تہ بجاءِ خوش هجڻ جي روئي اکيون ڪٽي سڄايون اٿس. چي مائي! ڪمبخت! چو ٿي روئين؟ پرينءَ جي ڏيهہ پهچڻ پڄاڻان بہ ڪو روئيندو آهي؟ اڙي چري هي تہ خوشيءَ جو

www.maktabah.org

موقعو آهي، تون ئي ته چيو هو ته پريان لوءِ پڇاءِ. حقيقي پريالوءِ ته هي آهي. جتي توکي رسايو اٿم. آخر ٻيو ڇا کپئي؟ تنهن تي مائي وراڻيو ته مون کي سنڌ (خيرپور) وارو پريان لوءِ کپي. جنهن کي هي ڳوٺاڻا پرالو به چوندا آهن. تنهن تي حضرت مخدوم صاحب مکرم جن کيس چيو ته، اوءِ بي نصيب! چڱو هڪ دفعو ٻيهر اکيون ٻوٽ! سو اکيون ٻوٽي جان کڻي پٽي ته پاڻ کي خيرپور سنڌ واي پريالوءِ جي بازار ۾ بيٺل ڏٺائين ته ايڏو قرب ۽ حضوري بحضور سيد دو عالم حبيب کبريا سرورِ ڪائنات عليہ افضل الصلوت واکمل التحيات جن جي ذات اطهر سان کين حاصل هئا.

فيض واري لوئي رنگي ڏيڻ

ناري تعلقي جو هڪ شخص پريالوءِ جي هڪ کٽي (رنگريز) نالي حضرت مخدوم اسماعيل رحمه الله عليہ کان هڪ کٽي (لوئي) رڱائڻ (رنگرائڻ) لاءِ آيو. پر ڌوٻي اسماعيل جو نه ته دڪان ۽ نه ئي گهر وغيره. سندس ڏٺل هو. ۽ نه ئي وري ان کي سڃاڻيندو هو. صرف پڇا ڪندو اچي پريان لوءِ پهتو هو.

سندس ڀاڳ ڀلا جو کٽي اسماعيل جو ڏس پڇڻ خاطر- پهرين گهٽيءَ ۾ واقع مخدوم محمد اسماعيل سڳوري جن واري مسجد شريف وٽ پهچي، منجهس ويٺل خود حضرت مخدوم مکرم کان ئي اچي اسماعيل نالي ڌوٻي (رنگريز) جو ڏس پتو پڇيائين. تنهن تي حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمة الله عليہ جن وراڻيو ته، "بابا! هڪ اسماعيل مان آهيان. جي چوين ته تنهنجي لوئي به کٽي

www.maktabah.org

رنگيان. ان سمجهيو تہ جنهن اسماعيل جي ڳولها اٿم، شايد اهو اِهو ئي آهي. سو جواب ڏنائين تہ، "ادا لوئي رڱائڻ لاءِ پنڌ ڪري اچي تو وٽ پهتو آهيان. سو وارو ڪر- رنڱي ڏي."

ائين چئي مسجد ۾ داخل ٿي اچي مخدوم صاحب معظم جن جي آڏو ويٺو. حضرت مخدوم صاحب جن جي مٿس ايڏي تہ توجہ واري نظر ڪيميا اثر وڌي جو ان شخص جا سڀ لطيفا بند ٿيل بفضل الاهي جاري ٿي ويا ۽ سندس دل و جان، گناه و عصيان جي ڪٽ کان بالڪل صيقل ٿي صاف شفاف ٿي ويا. ۽ اهڙي طرح سندس جسم و جان جي لوئي حقيقي طور تي ڌوپي صاف ٿي ۽ الاهي رنگ ۾ رنڱجي وئي. سندس چوڏنهن ئي طبق روشن ٿي ويا ۽ صدق دل سان حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمتہ الله عليہ سڳوري جن جو طالب ۽ مريد ٿي ويو ۽ خبر پئجي ويس تہ قسمت جي ياوريءَ سان حقيقي رنگريز وٽ پهچي چڪو آهيان. جو ڪيس ڪشفِ قلوب و قبور حاصل ٿي چڪو هو.

حضرت مخدوم صاحب معظم جي توجہ خاص جي اثر کان ڪو وقت تہ بي خبر، بي هوش پيو رهيو. وري جڏهن ڪجھ سامت ۾ آيو تہ حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمتہ الله عليہ جن جي پيرن تي ڪِري پيو. چي قبلہءِ عاليمقام! مون مسڪين جي مٿان ايڏو عظيم احسان جو منهنجي جسم جو وار- وار گناهَن جي چِڪَڻ ۾ چڪيلُ ۽ عصيان جي ڌٻڻ ۾ ڳتل هو. جو هزار ورهين جي

www.maktabah.org

زُهد و عبادت سان ﺑﻪ ڏوپجي نہ سگهي ها، اوهان ان کي هڪ لمحي اندر مڪمل طور تي ڌوئي پاڪ ڪري ڇڏيو!! اهڙي رنگريزي ٻيو ڪير ڪري سگهندو.“

ڪيس جواب ڏنائون تہ ابا! ”اوهان اسان کي لوئي رنگي ڏيڻ لاءِ چيو، سو اسان اوهان کي لوئي رنگي ڏني. اسان تہ اجهو ان طرح لوئي رنگيندا آهيون.“ تهان پوءِ وري ڌوٻي اسماعيل کان سندس لوئي (ڪتي) بہ ڪيس رنگرائي ڏنائوس. ۽ ڪيس واپس پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جي رخصت عطا فرمايائون.

پراڻي خدمت گار کي 'مُدني گهوٽ' جي زيارت ڪرائڻ

حضرت مخدوم مڪرم جن جي حويليءَ تي هڪ نندي نينگري گهر جو ڪم ڪار ڪندي هئي. جڏهن اها نياڻي اٺارڻ جي لائق ٿي تہ سندس مائٽن ان جي شادي ڪري ڇڏي. حضرت مخدوم معظم جن هڪ ڏينهن ان نياڻيءَ کي ڏسڻ ۽ ڪيس مبارڪ ۽ دعا ڏيڻ ڪرڻ خاطر سندس گهر (ساهُرين) لنگهي ويا. ان نينگريءَ پنهنجي مڙس سميت اچي حضرت مخدوم اسماعيل رحمۃ اللہ عليہ جن جي زيارت ۽ دست بوسي ڪئي ۽ ڪين چوڻ لڳي تہ قبلا! هي منهنجو مڙس تہ اجهو مون سان ساڻ آهي. اوهان جو مڙس ڪٿي آهي؟ اهو گفتو ٻڌي حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمۃ اللہ عليہ جن کي حال اچي ويو ۽ انهن ٻنهي تي بروقت ٿي اهڙي تہ توجہ واري نظر وڌائون جو اهي ٻئي رڳجي ريٽا ٿي ويا. اللہ وارا ٿي ويا ۽ کين حضور اڪرم هاديءِ اعظم نور مجسم ﷺ جن جو هر دم حضور حاصل ٿي ويو. پوءِ

www.maktabah.org

ان نياڻيءَ کي فرمايائون ته امان! منهنجو مڙس به پلي ڏسي چڏ- اجهو هي آهي. (شهنشاه ڪونين جن)

بيشمار پارس نيسر ۾

سندن مشهور ڪرامتن منجهان هڪ هيءَ به آهي ته، وٽن مريد ٿيڻ لاءِ ٻي ولايت جو هڪ اجنبي شخص آيو، ان وٽ پارس پٿر هو. (جنهن سان لوهه کي سَچي سونُ بڻائبو آهي) ان شخص اهو پارس پٿر حضرت مخدوم مڪرم جن جي خدمت ۾ پيش ڪندي عرض ڪيو ته، "قبلهءِ عالي! هي پارس پٿر مان اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. نوازش فرمائي قبول ڪريو.

حضرت مخدوم جن اهو پٿر ان اجنبي شخص کان وٺي پنهنجي هڪ خادم کي ڏيندي فرمايو ته، "اي ابا! هي اسان واري مسجد جي کوهه ۾ اڇلائي اچ. (اهو کوهه اڄ سوڏو مسجد سگوري جي احاطي ۾ موجود آهي. البته ڍڪيل آهي. کليل نه آهي.) سو اهو پٿر ان مريد سگوري حڪم موجب وڃي مسجد سگوري واري کوهه ۾ ڦٽو ڪيو. اهو لقاءُ جو ان ولايتي اجنبي شخص ڏٺو سو بالڪل مايوس ۽ حيران پريشان ٿي دل ۾ چوڻ لڳو ته، ڪيڏي نه عظيم ڪيميائي دولت جي ناقدري ڪئي وئي. مون ناحق اها هت اچي بي فائدي وڃائي. جو اها نه ئي اسان جي ڪم آئي نه ڪنهن ٻئي قدردان جو نصيب ٿي. بس فضول ضايع ٿي وئي.

هوڏانهن حضرت مخدوم صاحب جن سندس دل جي ڪيفيت- مڪاشفه ذريعي معلوم ڪري ورتي. ڪجهه وقت

www.maktabah.org

بعد ان ولايتي اجنبي کي سڏي چيائون ته اي ميان! کوه وٽ اچ. اسان گيڙو ٿا ڏيون. تون نيسر جي منهن وٽ ڪنگرُ جهل ته پرجي. اهڙي طرح جيئن ئي کوه کي گيڙو ڏنائون ته هر لوٽي پاڻيءَ سان گڏ پارس پٿرن سان پرجي ٿي نيسر ۾ پئي. ۽ اهي سڀ وهي اچي ان همراه جي جهليل ڪِنگر ۾ پيا. جيڪي حضرت مخدوم جن جي هدايت موجب ان شخص وڃي مسجد سڳوريءَ جي ٽونريءَ تي ڍِڳ ڪيا. پوءِ کيس فرمايائون ته اي ميان! هي سيئي پارس پٿر آهن. هاڻي هيئن ڪر ته انهن مان تون خود پاڻ وارو پٿر ڳولهه ته باقي پٿر وري کوه ۾ اڇلائي وڃهجن. ڇو ته اسان کي انهن جي ڪابه ضرورت ڪانهي. تنهن تي اهو شخص ڏاڍو ڦڪو ٿيو ۽ حضرت مخدوم جن جي پيرن تي ڦهڪو ڪري ڪِري پيو ۽ چوڻ لڳو ته، قلبه! شرمسار آهيان، معافي جو طلبگار آهيان، عنايت ۽ نوازش وارو پارس پٿر کپيم. ٻئي ڪنهن پارس پٿر کي ڇا ڪندس؟ مون کي پنهنجي مقدس قدمن ۾ جاءِ ڏيو. اهو ئي منهنجو عرض آهي.

نادر شاهي سپاهين جو گاه جي بند واري ڪرامت ڏسي مطيع ٿيڻ

هڪ ٻيو واقعو سندن ڪرامت جو مشهور آهي ته، جن ڏينهن ۾ شهنشاهِ افغانستان و ايران و ترڪستان نادرشاهه بادشاهه افغانستان منجهان سنڌ تي ١١٤٨ھ ۾ ڪاهي آيو هو ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙو ڀڄي وڃي عمر ڪوٽ لِڪو هو. پر تڏهن به نادرشاه کيس اتي به وڃي جهليو ۽ ڪانئس هنن لفظن ۾ ڀڄي وڃڻ جو سبب پڇيو ته، "سَگ ابلق! ڪرا

www.maktabah.org

گريخت؟!! (ڀھڙو ڪتو چو ڀڳو)

{ياد رهي ته نور محمد ڪلهوڙي ڪي حضرت مخدوم المخاديم مخدوم عبدالرحمان شهيد في سبيل الله جي عظيم شهادت کان پوءِ سنڌ جي اهل الله بزرگ حضرت مخدوم غلام محمد بگائي رحمته الله عليه (مورائي سنڌي) جيڪو عاشق و مداح رسول اڪرم معظم و محتشم ﷺ هو. تنهن جي پٽ (بَددُعا) سان ڪوڙهه (برص) نڪتو هو ۽ چٽيءَ جي مرض ۾ بلڪل ڪوڙجي ويو هو ۽ افغانستان مان اهي گهوڙا به سندس مٿان ان بزرگ ۽ برگزيده شخصيت جي بددعا جي نتيجي ۾ ئي چڙهيا هئا. (جو بزرگ جي واتان هي الفاظ نڪتا هئا ته، ايران ۽ افغانستان مان گهوڙا گهرائينداءِ نُورُو! ناوَجها! ڪوڙهيا ڪيس ڪياءِ!) سو نُورُو ڪلهوڙو برابر ڪوڙهه وچان سمورو چٽڪبرو ٿي چڪو هو. ان ڪري ئي نادرشاهه بادشاهه کيس چٽڪبري (ڀھڙي) ڪتي سان ڀيٽ ڏيندي، کائنس اهو ذلت آميز سوال پڇيو هو ته، اي ڀھڙا ڪتا ڀڳين چو؟ ڇا اهو سمجهيو هيئي ته تون اسان کان لِڪي سگهندين؟ تنهن تي نورو ڪلهوڙي نادر شاهه بادشاهه کي جواب طور وراڻيو هو ته، ”جئندا قبلا! اوهان جي مهمانوازيءَ جي مون کي سگهه ڪانه هئي. (طاقت مهمانداري نه داشت) ته اهو آهي اولياءِ الله سان دشمني رکڻ جو نتيجو. انهن تاريخي حقائقن منجهان وڏا سبق ملن ٿا جن کي هيئنئين سان هنڊائڻ بيحد ضروري آهي}

سو انهن ڏينهن ۾ شاهي لشڪر سنڌ ۾ مختلف جاين تي ننديون وڏيون ڇاوڻيون قائم ڪيون هيون. جن منجهان

www.maktabah.org

هڪ اڌ خود پريان لُوءِ شريف جي آسپاس پڻ هئي. انهن چانوٺين ۾ رهندڙ سپاهي پرپاسي وارن ڳوٺن منجهان ڦرلٽ پڻ ڪندا هئا ۽ ويچارا سنڌي سڀاجهڙا- ويڳاڻا سندن ياجوڪڙ ۽ ڪانئر حاڪم سڀبان پيا لٽ مار جو شڪار ٿيندا هئا. مفتوح علائقي ۾ تاخت ۽ تاراج جو ته قديم زماني کان دستور هلندو آيو آهي.

بهرحال هڪ دفعي جو واقعو آهي ته جناب حضرت مخدوم صاحب مڪرم جن شهر پريان لوءِ جي ڀرارڙي مان اچي رهيا هئا ته واٽ تي ڪين ڪي افغان گهوڙي سوار (شاهي لشڪر جا سپاهي) مليا. جن گهوڙن جي چاري لاءِ ڪٽان ڪي گاهه (ڪڙٻ) جا بند ڦرمار ڪري هٿ ڪيا هئا. تن مان هڪڙي هڪل ڪري مخدوم صاحب جن کي چيو ته:

"اڙي او فقير! هي گاهه جا ٻه ٽي بند کڻي اسان جي گهوڙن جي اڳيان چانوٽيءَ تائين هل. انهن سپاهين حضرت مخدوم صاحب جن کي سِنڌي ڳوٺاڻو سمجهي ڪائنس اِها خدمت وٺڻ چاهي. ائين چئي انهن مان هڪ اها گاهه جي پري کڻي حضرت مخدوم معظم جن جي مٿي تي رکي ۽ هلڻ لڳا ته خدا جي قدرت ۽ حضرت مخدوم المڪرم جن جي ڪرامت سان ٿيو ائين جو اهو گاهه جو ٻَڌل بَندُ (پري) حضرت مخدوم صاحبَ جن جي مٿي جي مٿان بلڪل هوا ۾ اڏامندو ٿي هليو. ۽ حضرت مخدوم مڪرم جن ان جي هيٺان هيٺان بالڪل آرام ۽ اطمينان سان هلندا ٿي هليا. گهوڙي سوار سپاهي اهو ڪرامتي

www.maktabah.org

ڪرشمو ڏسي دنگ ٿي رهجي ويا ۽ گهوڙن تان ٽپ ڏئي لهي اچي حضرت مخدوم صاحب جن جي قدمن تي ڪريا ۽ بيحد لجاجت ۽ الحاح وزاريءَ سان ڪيل زيادتي جي معافي گهريائون ۽ حضرت جن جا سچيءَ دل سان مطيع ۽ مريد ٿيا.

نادر شاهي حملي ۾ اغوا ٿيل ناريءَ ڪي واپس موٽائڻ وارو عجيب واقعو

انهيءَ ساڳئي نادر شاهي حملي جي هنگامي وارن ڏينهن جو واقعو آهي ته، لشڪر جي افغانستان واپس موٽ ڪائڻ وقت هڪ ڳوٺاڻي سهڻي ڇوڪري ڪنهن افغان سپاهيءَ کي هٿ لڳي وئي. سو ان نياڻي نماڻيءَ کي وٺي وڃي افغانستان ڪان نڪتو. ان نياڻيءَ جو ڏٽي روئيندو رڙندو، پٽيندو سينو ڪٽيندو حضرت مخدوم مڪرم جن وٽ فريادي ٿي آيو ته واٽ الله جي ڪا منهنجي واهر ڪريو. تنهن مسڪين غريب جو دڪدائڪ حال ڏسي حضرت مخدوم المعظم جن کي متس ڏادي کهل آئي. سو ڪا مهل نه گذري ته پاڻ سڳورن ڪٽي پنهنجي ٻانهن مٿي هوا ۾ ڏ گهيري. وري جو ڪٽي ٻانهن هيٺ ڪيائون ته سندن ڪچهريءَ ۾ ويٺل ماڻهو ڇا ٿا ڏسن ته سندن هٿ هڪ جوان خوبصورت ڇوڪريءَ جي ٻانهن ۾ آهي ۽ اها ڇوڪري هڪ گاهه جي مُٺ پنهنجي هٿ ۾ جهليون سندن سامهون بيٺي آهي ته ويٺلن منجهان اهو ئي فريادي شخص "امڙ.... امڙ، ڏيءُ، ڏيءَ" ڪندو وڃي ڇوڪري کي چنبڙيو. ۽ وري ڇوڪري به پنهنجي پيءُ کي سڃاڻي "ابو... ابو"

www.maktabah.org

ڪندي وڃي ڪيس چنبڙي. ٻئي هڪٻئي کي ڏسي خوشيءَ جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا.

ڇوڪريءَ پڇا تي ويٺلن کي ٻڌايو ته، مون کي افغان ڪابل ڌاڙهن کڻي ويا هئا. ۽ اتي مان هڪ گهر ۾ گولپو (ٻانهپ) ڪري رهي هئس. اڄ به شهر کان ٻاهر هڪ ٻنيءَ ۾ ٻين عورتن سان گڏ گاهه لڻي رهي هيس ته اوچتو پنهنجي ٻانهن ۾ ڪنهن جو هٿ پيل محسوس ڪيم، جيتوڻيڪ مون کي ڪوبه ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪين آيو. بس هڪ جهٽڪو کاڌم ۽ ان گاهه ٻوڙي سميت اجهو اوهان جي سامهون موجود آهيان.

حضرت مخدوم صاحب محترم ان نياڻيءَ جي پيءُ کي فرمايو ته، ”ابا وٺ پنهنجي امانت ۽ وڃي پنهنجي گهر سکيا ٿيو.“ ان طرح اهو شخص رب تعاليٰ جي رحمت ۽ حضرت مخدوم معظم جي ڪرامت سان من جي مراد ماڻي خوش و خرم پنهنجي ڳوٺ راهي ٿيو.

ٻانهپڻ جو سندن نظر ڪيميا اثر سان عالم، حافظ بڻجي پيش اماميءَ جو اعزاز ماڻڻ

(هن خاندان جي مشهور شخصيت حضرت مولانا مخدوم امير احمد صاحب سابق پرنسپال سنڌ اورينٽل ڊگري ڪاليج هيرآباد (حيدرآباد) جو پنهنجي دؤر جي جيّد علماءُ فضلاءَ ۾ شمار ڪيو ويندو آهي). سندن هزارين شاگرد اڄ به سندس علمي ڪمال جي ساک ڀرڻ لاءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن. ساڳئي طرح ڪيئي برک عالم فاضل جن جون ساڻس محفلون رهيون، سي پڻ سندن تبحّر

www.maktabah.org

علميءَ جا قائل ۽ معترف رهيا. انهن منجهان ڪيئي اڄ به موجود آهن.

هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي ته، خيرپور ضلعي جي فيض گنج تعلقي جو مشهور معروف زميندار، رئيس الاهي بخش خان ٻانيڻ، ساڻن ملاقات خاطر سندن آفيس ۾ ڪهي آيو. هي واقعو ١٩٦٤ع جو آهي، ان وقت سندن وڏو نينگر مخدوم غلام محمد پڻ پنهنجي والد صاحب جن وٽ ڪنهن آفيس جي ضروري ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ موجود هو. ٻانيڻ صاحب مرحوم ڳالهين ڪندي ڪانئن پنهنجي ذات "ٻانيڻ" جي حقيقت متعلق ڪلندي ڪلندي سوال ڪيو ته، "قبلہ! ان جي حقيقت ڇا آهي، جو اسان جا وڏا پڪا مسلمان هوندي به ٻانيڻ سڏائيندا ويا ۽ اڄ سوڌو اسان ان نالي سان پيا سڃاپون. تنهن تي مخدوم صاحب امير احمد جن کيس وراڻي ڏني ته، رئيس!! اها ته هڪ تاريخي حقيقت آهي. ٻڌايانءِ ته سهي پر جي مڃين! رئيس الاهي بخش چوڻ لڳو ته، ٻئي ڪنهن کان ٻڌي نه به ڪٿي مڃجي، پر ڪنهن کي مجال آهي جو اوهان جي ڳالهه کي رد ڪري سگهي. ضرور ٻڌايو. ته منهنجي به دل جي چوٽرا کوٽرا لهي، سو کيس مخدوم صاحب جن ٻڌايو ته:

اوهان جو والد صاحب- رئيس جلال خان ٻانيڻ تيون يا چوٿون جلال آهي. سڀ کان پهريائين جلال ٻانيڻ (اوهان جي وڏي ڏاڏي) جي اوهان کي وصيت ڪيل آهي ته، "ٻانيڻ" ذات نه متائجو ته جيئن اهو عظيم الشان واقعو تاريخ ۾ يادگار رهي ته اسان ڪهڙي عظيم شخصيت جا

www.maktabah.org

رَتل آهيون تہ جيئن ان گهراڻي جا احسانمند ٿي رهون. (اهو واقعو (اکين ڏٺو) دراصل حضرت پير ميان محمد راشد لکعلوي المعروف بہ "روضي ڌڻي رحمتہ"[1] جن جو سندن ملفوظات ۾ بيان ڪيل (درج ٿيل) آهي.

اصل واقعو اجهو هن طرح آهي:

هڪ دفعي حضرت مخدوم صاحب جن حضرت مخدوم احمدي خدائي رحمتہ الله عليہ جن وٽ کهڙن جي ڳوٺ ۾ آيل هئا. حضرت مخدوم احمدي جن رات جو ڪافي دير تائين ڪچهري بعد حضرت مخدوم محمد اسماعيل جن جي خدمت ۾ ٻنهي صاحبزادن هر هڪ مخدوم زاده جناب محمد عاقل ۽ صاحبزادو حضرت پير ميان محمد راشد لکياري جن (جيڪي اجا طالب علمي واري دؤر منجهان گذري رهيا هئا ۽ حضرت مخدوم احمديءَ جي مدرسي ۾ طلب علم ۾ مصروف هئا) کي سمهاري پاڻ حويليءَ اندر وڃي آرامي ٿيا. معلوم هئڻ گهرجي تہ حضرت مخدوم محمد عاقل (ثالث) ولد مخدوم ميان احمدي اڳتي هلي حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمه الله عليہ جو نياڻو ٿيو ۽ صاحبزادي پير محمد راشد لکياري جي بہ حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمه الله عليہ جي ننڍڙپ کان ئي سندن والد ماجد سيد محمد بقا رحمه الله عليہ جي وساطت سان بيعت ۽ روحاني وابستگي هئي. انهيءَ تعلق خاطر سبب

١- ملفوظات سڳوريءَ ۾ کهڙي جلد ۾ آهي. سا صراحت ڪيل ڪانہ آهي. ملفوظات جا ڄاڻو ئي) ان واقعي جي تصديق ڪري سگهن ٿا.

www.maktabah.org

ٻنهي صاحبزادن کي مهمان محترم مڪرم جي خدمت ڪندي روحاني خوشي ٿي محسوس ڪئي. اها سندن اعليٰ درجي جي تربيت جي تقاضا پڻ هئي.

هوڏانهن حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمه الله عليه جن بعد فراغت نماز تهجد وغيره- رفع حاجت خاطر- جهنگ ڏانهن روانا ٿيا، ٻئي صاحبزادا سڳورا پڻ ساڻن گڏ هئا. واٽ تي هڪ جاءِ تي هڪ مئل ڪتو (ڍونڊُ) پيل هو. جنهن کي نوڪر جو اشارو ڪندي- صاحبزادي مخدوم محمد عاقل[1] (جيڪو سُلوڪ جون تڪڙيون منزلون طئي ڪري رهيو هو، پر اڃا زيرِ تربيت هو ۽ اڃا ڪيس ڪمال حاصل ڪين هو) مئل ڪتي کي خطاب ڪندي حڪم ڪيو: "قم باذن الله" (اٿ ڙي ڪتا!) اِتي وري ڪتي ستو آهين، وڃي ڪا ٻي ڪنڊ وساءِ، ته اهو مئل ڪتو الله پاڪ جي حڪم سان ۽ ميان مخدوم محمد عاقل جي ڪرامت سان جيئرو ٿي پڇ لٽڪائيندو هليو ويو. اها ڳالهه حضرت مخدوم معظم جن پڻ اکين ڏٺي مگر ڪنهن خاص

١- هن واقعي جي رونما ٿيڻ وقت عين ممڪن آهي، حضرت مخدوم محمد عاقل ثالث جي عمر عزيز اڃا ١٢-١٣ سال هجي. ۽ حضرت پير صاحب جن اڃا ڏسالگيءَ يعني ڇهن ستن سالن جا هجن جو اهو واقعو صرف اکئين ڏسي ملفوظات ۾ درج ڪرايو اٿن. (يا سندن والد صاحب سڳوري جن سان کهڙن ۾ ان رات موجود هجن) ممڪن آهي ته حضرت مخدوم محمد اسماعيل جن جي اها ڪرامت سنه ١١٧۴ھ ۾ ظاهر ٿي هجي ۽ انهيءَ ئي سال وصال ڪيو هجين) والله اعلم.

www.maktabah.org

رِدعمل جو اظهار ڪين ڪيائون. ۽ وقتي طور تي ڳالھ آئي وئي ٿي وئي.

بهرحال تئي سڳورا ساڻي رفع حاجت بعد اچي واھ (جيڪو اڄ تائين جاري آهي) جي ڪنڌيءَ تي صبح جي نماز لاءِ وضو ڪرڻ وينا تہ ايتري ۾ کهڙن جي ٽڪاڻي جو ٻائو (ٻانيڻ) بہ صبح جو سنان ڪرڻ لاءِ (واھ جي) لهواري پاسي کان- واھ ۾ لٿو. جيئن ئي اهو ٻانيڻ سنان ڪري، پاڪ صاف ٿي ٻاهر نڪتو ۽ ڪپڙا (واڳڪا- ڌوتي- جيٽو وغيره) پاتائين تيئن ئي حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمتہ الله عليہ جن ڪيس پاڻ وٽ سڏي ان ڏانهن اهڙي تہ توجہ سان نظر ڪئي جو سندس ڪايا ئي پلٽجي وئي ۽ ڪيس پيار ۽ پاٻوهہ سان فرمايائون تہ: "اچو ميان حافظ جلال الدين سڳورا! صبح جي نماز جو وقت ٿي چڪو آهي، هلو تہ هلي نماز ادا ڪريون." اهڙي طرح سندن ڪرامت سان ان ٽڪاڻي جي ٻانيڻ جا نصيب کلي ويا. جو هڪ ئي نظر ڪيميا اثر سبب نہ صرف دين اسلام ۾ داخل ٿي ويو پر مولوي سڳورو ۽ حافظ قرآن پڻ ٿي ويو. ان طرح حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمتہ الله عليہ ان ڌوتي پوش ٻانيڻ کي وچي مسجد سڳوريءَ جي پيش امام واري مصلي تي کائنس صبح جو فرض نماز جي پيش امامي ڪرائي.[1] ان کان ٿورو اڳ حضرت مخدوم ميان احمدي جن پڻ مسجد

١- عين ممڪن آهي تہ ڪيس پيش اماميءَ کان اڳ ڌوتيءَ جي بجاءِ ڪا گوڏ وغيره ۽ ڪو اهڙو ٻيو لباس مسجد ۾ پهرايو ويو هجي، جيڪو شريعت مطابق هجي.

www.maktabah.org

سڳوريءَ ۾ پهچي چڪا هئا. سي ٻه مام پروڙي خوشيءَ سان خاموش رهيا. آخر ۾ حضرت مخدوم معظم مخدوم محمد اسماعيل رحمه الله عليہ جن ان ٻانيڻ جي حق ۾- حق سبحانہ و تعاليٰ کان دعا گهري تہ "اي مولا ڪريم!! هن تنهنجي پيدا ڪيل ٻانهي کي تنهنجي ئي بخشيل قوت سان تنهنجي دربار ۾ آندو اٿم- اي رب! رحيم ڪريم سندس رزق ڪشادو فرماءِ. جيئن هميشہ تنهنجو شاڪر (شڪرگذار) ٻانهو ٿي رهي."

ان سڀ کان پهريائين "جلال ٻانيڻ" پنهنجي پونئيَرن کي وصيت ڪئي تہ، خبردار! ڪا ٻي ذات سواءِ "ٻانيڻ" جي نہ سڏائجو تہ جيئن يادگار رهي تہ اسا حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريالوءِ واري جي دعا جا رَتل آهيون ۽ صاحبزادي محمد عاقل ثالث کي حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمتہ الله عليہ جن فرمايو تہ، "ابا! مٺل جسم جيارڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ آهي. پٽ!! مٺل دل جيار تہ مڃانءِ" تنهن تي صاحبزادي مخدوم محمد عاقل جواب ڏنو تہ، "چاچا سائين! اها ڪماليت اوهان کي حاصل آهي، اوهان جي مِهر نوازش اسان تي ٻہ ٿي تہ پري نہ آهي تہ ائين ٻہ ڪڏهن ڪري سگهون ۽ مولاءِ ڪريم جا شڪرانا بجا آڻيندا رهون. (هيءَ روايت مخدوم غلام احمد صاحب "تذڪره مخاديم کهڙا" جي سنڌي ترجمي ۾ آندي آهي)

نماز جي وقت حضرت مخدوم صاحب لاءِ بيت الله شريف آڻي بيهارڻ

حضرت مخدوم محمد اسماعيل معظم جن جڏهن ٻہ

www.maktabah.org

پيش امامي فرمائيندي باجماعت نماز ادا ڪندا هئا ته نماز ۾ تمام گهڻي تڪڙ فرمائيندا هئا. اهو حال ڏسي هڪ دفعي ڪڇي (بلوچستان) جي هڪ عالم سڳوري سندن آڏو- مؤدبانه اعتراض ڪيو ته، "قبله! نماز باجماعت جي ادائگيءَ ۾ ايتري تڪڙ ڪرڻ جو ڇا سبب آهي؟" تنهن تي حضرت جن وراڻيو ته، "اصل سبب اهو آهي ته، حق سبحانه و تعاليٰ عز و جل جي ڪرم نوازيءَ سان ملائڪ ڪعبه منوره کي کڻي اچي اسان جي اڳيان بيهاريندا آهن. (جڏهن اسان نماز باجماعت ۾ مشغول هوندا آهيون) سو- سوچيندا آهيون ته تمام دنيا جا باقيمانده مومن مسلمان ته جِهتِ ڪعبه طرف رخ ڪري نماز ادا ڪندا هوندا، نه ڪِ حقيقي طرف ڪعبة الله طرف ڇو، جو اهو ته صرف اسان جي ئي اڳيان موجود هوندو آهي. ان ڪري نماز جي ادائگيءَ ۾ تڪڙ ڪندا آهيون ته، جيئن ملائڪ مقربين ڪعبة الله کي واپس کڻي وڃي پنهنجي اصل مقام تي نصب ڪن ته جيئن باقي مسلمانن جي نماز ۾ ذري ماتر به مزيد رخنو نه پوي."

شهنشاه ڪونين جي بارگاه مان مولانا قاضي عبدالمطلب کي شفق متعلق حقيقت معلوم ڪرائڻ

سندن عظيم ڪرامتن منجهان هڪ اها به آهي ته ڪُهُنگَ (تعلقي ميهڙ، ضلعو دادو) وارا قاضي صاحب ميان عبدالمطلب رحمة الله عليه جن هڪ دفعي حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمة الله عليه جن جي زيارت لاءِ آيل هئا. سو ڳالهه ٻولهه ڪندي حضرت مخدوم مڪرم جن کان سوال ڪري ويٺا ته، "قبله! شفق ڳاڙهو يا سفيد؟" (ڇو جو

www.maktabah.org

اهو مسئلو اجا تحقيق طلب هلندو ٿي آيو) مخدوم صاحب مڪرم رحمة الله عليه جن محترم قاضي صاحب کي فرمايو ته، ”اهو مسئلو نه ڇيڙيو. بلڪ رات جو اوهان کي ٻڌائيندا سون.“

جڏهن رات جو هڱ مڱ ٿري ته قاضي صاحب جن حضرت مخدوم معظم جن کان مسئلي جي تحقيق متعلق وري سوال ڪيو ته، سوال ڪرڻ سان ئي حضرت مخدوم محمّد اسماعيل رحمة الله عليه جن قاضي صاحب سڳوري جن کي وٺي وڃي حضور پُرنور رسول اڪرم هاديءِ اعظم ﷺ جن جي ڪچهريءَ ۾ بالمشافه حاضرِ خدمت ڪيو. پوءِ ڪيس فرمايائون ته، ميان قاضي صاحب! هاڻي اصل ڏُرِ ڏٽي کان جو ڪجهه پڇڻو هجيوَ، سو ويهي پڇو. تنهن تي حضور اڪرم هاديءِ اعظم نور مجسم ﷺ جن قاضي صاحب کي خود پنهنجي مبارڪ زبان گوهر افشان سان ان مسئلي جو جواب ڏيندي فرمايو ته، ”الشفق هِيَ الحُمرة“ (شفق ته ڳاڙهي ئي آهي).

دهليءَ جي هڪ شخص جو اچي حضرت مخدوم سائين کان مستفيض ٿيڻ

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته، هڪ شخص دهليءَ کان ٿي هليو هو. ته ڪٿي کو اهڙو بافيض مرشد ملي جنهن جي فيض سان قلبي ڪٽ ڌوپجي وڃي. اهو خيال دل ۾ رکي ڪشالا ڪڍي اچي گهوٽڪيءَ واري پير حضرت موسىٰ شاه بادشاه جيلاني رحمة الله عليه جي خانقاه تي پهتو ته جيئن اتان ظاهري توڙي باطني فيض مليم. سندس حالت

www.maktabah.org

اها هئي جو وٽس ظاهري افلاس ۽ مسڪيني به چوٽ تي هئي ته قلب جي ڪاراڻ ۾ به اصل ڪارو ٿي پيو هو. تنهن تي حضرت قبله پير موسيٰ شاه جيلاني رحمة الله عليه جن کيس فرمايو ته، ”بابا! اجا توکي استعدادِ طبع ڪانه آهي، جو فيض الاهي برداشت ڪري سگهين. ڪوشش ڪر پاڻ ۾ ظرف پيدا ڪر، جيڪو رياضت سان حاصل ٿيندو. جڏهن محنت، عبادت ۽ رياضت سان پاڻ ۾ ظرف پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئين ته پوءِ فيض به حاصل ٿي ويندءِ. جيستائين ٿانءُ نه هوندو، تيستائين حاصلات ڪٿين ٿيندي. اڳ ۾ ٿانءُ آڻ ته پوءِ ان ۾ فيض پريون. ڏٺو ڪين اٿئي ته هاري ڪيئن نه سڀ کان اڳ زمين ڪيڙي ٿاهي، سنئين سڌي هڪ ڪري ڪندو آهي. پوءِ ان ۾ ٻج پوکيندو آهي ۽ وري پوءِ ان جي پوري پوري حفاظت ۽ رکوالي پڻ ڪندو آهي. تڏهن وڃي ان مان لاڀ لهندو آهي ۽ نفع ملندو اٿس. ته بلڪل اهڙي طرح هڪ سالڪ کي به قلب ۽ دل جي صحن کي فاسد خيالن جي خس و خاشاڪ ۽ آلودگيءَ کان اول اول پاڪ صاف ڪرڻو آهي. تڏهن وڃي اها دل مرشد جي طرفان فيضِ الاهي جي تخم ريزي لاءِ لائق ٿيندي. باقي نه ته مرشد جي فيض رسانيءَ جو مٿس ڪوبه اثر ڪين ٿيندو.

اها ڳالهه ٻڌي، اهو همراهه مايوسيءَ جو شڪار ٿي، اتان هلي اچي اعليٰ حضرت مخدوم محمّد اسماعيل مڪرم و معظم رحمة الله عليه جي نگريءَ پريان لوءِ شريف ۾ وارد ٿيو ۽ اچي حضرت مخدوم سڳوري سان عاجزيءَ ۽ آه زاريءَ سان، پنهنجو ڏکڙو اوريائين ۽ سمورو احوال بالتفصيل

www.maktabah.org

ٻڌايائين. حضرت مخدوم صاحب قبلہ محترم مڪرم ڪي متانئس ڏاڍو رحم آيو ۽ مٿس جيئن ئي توجہ وجهہ وڌائون تہ سندس نظر ڪيميا اثر جي نتيجي طور سندس قلب تان سمورو ڪٽ صيقل ٿي، ڏوپجي ويو ۽ سندس قلبي ڪاراڻ ذڪر الاهي جلاليءَ جي صيقل سان هڪ لحظ اندر ختم ٿي وئي ۽ سندس قلبي مظروف فيض الاهي جي پالوٽ سان ايتري قدر تہ پُر ٿي ويو جو انهيءَ ساڳئي شخص جيڪو خود پاڻ ڪڏهن محتاج هو، تنهن هزارين گهرجائو انسانن کي فيض الاهيءَ جي پلٽ پلٽان سان سيراب (پُر) ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. تان تہ اهو بذات خود هڪ وڏي پايہ جو ۽ هڪ وڏي جماعت جو مرشد بڻجي ويو. ان طرح مٿس فتوحات ظاهريءَ جا دروازا کلي ويا ۽ قبيلن جا قبيلا سندس مريد ٿيڻ لڳا ۽ سوين هزارين هندو بہ سندس معتقد ۽ مسلمان ٿي وڏي منزل تي وڃي رسيا.

اهڙي طرح اهو غريب الوطن شخص فيض ظاهري توڙي باطنيءَ سان مالامال ٿي هڪ وڏي جماعت ساڻ ڪري حضرت مخدوم الزمان محترم مڪرم جن وٽان رخصتياب ٿي (موڪلائي) پنهنجي وطن واپس وريو. حضرت مخدوم محمّد اسماعيل رحمتہ الله عليہ جن کيس رخصت ڏيندي فرمايو تہ، واٽ تي گهوٽڪيءَ (صاحبن جي لوءِ) وٽان گذر ٿيندو، حضرت قبلہ پير موسيٰ شاه صاحب جيلاني سڳوري جي ضرور زيارت ڪجانءِ. ۽ کيس منهنجا سلام عرض رکي منهنجو پيغام ڏجانءِ، تہ قبلہ! ڪڏهن ڪنهن ڪريم اڪرم ٻاجهاري شخص وٽ ڪو وانهڙو مهمان ايندو آهي ۽

www.maktabah.org

اچي ڪانئس طعام طلبيندو آهي ته، اهو ڪريم النفس ميزبان ان مهمان مسافر جي ضرور مهماني جهليندو آهي ۽ طعام ڪارائڻ وقت ٿانوَ ٿپا به پنهنجا ئي استعمال ڪندو آهي، نه ڪه مهمان ڪي چوندو آهي ته، وڃ وڃي ٿانوَ ٿپا ڪٺي اچ ته، طعام پري ڪارايانءِ. بلڪ اهو ڪريم النفس ميزبان جڏهن ڏسندو آهي ته، سندس مهمان بکئي هجڻ سان گڏ پئسي ڏوڪڙ جو گهرجائو پڻ آهي ته، سندس خدمت ۾ امداد يا انعام طور- زادراه يا پيو خرچ ڪاپار پڻ رکندو آهي."

اهڙي طرح اهو شخص وڏي طمطراق سان سوين گهوڙن ڀيڙن سان، پنهنجي مريدن خادمن جي هڪ وڏي جماعت ساڻ ڪري وڃي صاحبن جي لوءِ (گهوٽڪي) ۾ حضرت پير موسيٰ شاه گيلاني رحمة الله عليه جن جي خدمت اقدس ۾ پهتو. ۽ حضرت مخدوم محمّد اسماعيل رحمة الله عليه جا سلام عرض رکي سندس خصوصي پيغام پڻ- پير صاحب جن جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيائين. تنهن تي حضرت پير موسيٰ شاه جن فرمايو ته، هائو!! اهو ڪارنامو اسان جي ان ياءُ جو آهي ۽ ڪيس ئي سونهين ٿو جو انهيءَ يار کي ايتري سگهه ۽ اختيار رب پاڪ وٽان مليل آهي. ته پاڻ خزانهءِ غيبيءَ جا دروازا جڏهن به ۽ جنهن لاءِ به کولڻ گهري ته کولي سگهي ٿو."

روهڙيءَ جي بتخاني کي ڪرامت سان پاش پاش ڪرڻ

سندن مزيد مشهور ڪرامتن منجهان هڪ هيءَ به آهي ته پاڻ سڳورا هڪ دفعي حضورﷺ جن جي وار مبارڪ جي زيارت خاطر روهڙيءَ شريف ڏانهن روانا ٿيا. اتي (روهڙيءَ

www.maktabah.org

۾) ڪافرن منڪرن جي هڪ بتخاني تي وچي ڪين امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر مطابق روڪ ٽوڪ ڪيائون، جنهن تي اتي چڱو خاصو تڪرار ۽ ملالو مچي ويو. پاڻ سڳورن اڪيلي سر ان بتخاني کي پنهنجي ڪرامتي قوت سان پاش پاش ڪري ڇڏيو. اهو وقت ٽاڪ منجهند جو هو. ته اوچتو ئي اوچتو پاڻ سڳورن روهڙيءَ ۾ ويٺي ويٺي وٺي سڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون: ”او ميان احمدي، يا مخدوم احمدي!! حضرت ميان احمدي کهڙائي (جنهن کي سڏي رهيا هئا) ته اتان سؤ ميل پري شهر کهڙن ۾ ننڊ ۾ ستل هئا. (وقت ئي ننڊاڪڙو هو) پر ڪجھ وقت بعد حضرت مخدوم احمدي خدائي جن پڻ جاءِ واردات تي پهچي ويا ۽ اچي سندن اڳيان حاضر ٿيا. ڪائنن پڇيائون: ”ته ڪٿي هُئو. (ايترو وقت) جو مونکي ايترا سڏ واڪا ڪرايا اٿو ۽ انتظار ڪرايو اٿو؟“ تنهن تي حضرت ميان مخدوم احمدي جن وراڻيو ته، مان قيلولي (منجهند واري ننڊ) ۾ ستل هوس. پهريون سڏ ٻڌي سجاڳ ٿي، وري ٻئي سڏ سان گهوڙي تي سوار ٿيس ۽ ٽئين سڏ تي اجهو اوهان آڏو حاضر آهيان.“

ڪين فرمايائون ته، اسان جي هٿان جيڪو ڪم سرانجام ٿيڻو هو سو اسان ڪيو. هي بتخانو ڊاٿوسون، باقي اتي مسجد سڳوريءَ جي بناءِ ڪرڻ اوهان کي سونپيل آهي. سو صرف اوهان کي ئي بجا آڻڻو آهي. (مسجد جي تعمير جو ڪم اوهان جي ذمي آهي) حضور پاڪ صاحب لولاڪ عليہ افضل الصلوات و اڪمل التسليمات جن جو حڪم مبارڪ ڪجھ ان طرح آهي، سو چون ٿا ته، ٻنهي سڳورن

www.maktabah.org

جي موجودگيءَ ۾ ڏينهنڪ جو ڏينهنڪ اتي ان جاءِ تي مسجد سڳوري ٺهي راس ٿي. پر اڄ سوڌو قائم دائم آهي ۽ زيارت گاهه عام ۽ خاص آهي. الغرض ته سندن ڪرامتن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. ڳاڻاٽي کان ٻاهر آهن. نه صرف سندن جيئري مگر خود سندن هن دنيا منجهان برقعو مٽائڻ بعد پڻ سندن فيض جو درياءُ ائين ئي جاري آهي، جيئن سندن جيئري هو.

اڄ به هر طرح جي ضرورتمندن جي حاجت روائي سندن مقبره مطهّره وٽان ٿيندي رهي ٿي. ۽ ڪيئي جسماني توڙي روحاني مريض سندن ازلي ابدي شفاخاني منجهان شفاياب ٿيندا رهن ٿا. اڄ به سندن ڪو سوالي آستانهءِ عاليءِ وٽان خالي نه ٿو وڃي. حتيٰ ڪِ ايترو به عام طور تي مشهور آهي ته، سندن آستانهءِ عاليءَ تي مهمان ٿي ايندڙ هر شخص کي سندس پسنديده ۽ مطلوب طعام سان پڻ نوازيو ويندو آهي. ۽ طعام ڪائي رَڄُ ڪندو آهي. جيڪو پڻ ڄڻ ته خوانچهءِ آسماني طور سندس لاءِ غيب مان خصوصي طرح اچي حاضر ٿيندو آهي. بظاهر ان جي حاصلات جا پلي ڪي به آثار موجود نه هجن.

سندن توجه ۽ دعا سان مخدوم الله بخش عاصي کهڙائيؒ جي دائمي فارغ البالي ۽ آسوده حالي

تذڪره مخاديم کهڙا جي مصنف جناب مخدوم الهه بخش عاصي پنهنجي هن جَدا مجد (ناني سائين) جي درگاهه فلڪ اشتباه تان ذاتي طور تي نوازيل، خود پاڻ پنهنجي ذات سان وابسته واقعو هن طرح بيان ڪري ٿو:

www.maktabah.org

هيءُ فقير پُر تقصير پنهنجي قبلہِ ڪعبہ ولي نعمي وفات ١٣٩٣ھ (يعني مرحوم مغفور حضرت والد الماجد بزرگ محترم مڪرم جناب قبلہ مخدوم محمد عاقل رابع عرف مخدوم ميان پير محمد رحمتہ الله عليہ) جن جي لاڏاڻي بعد گهڻي قدر مقروض ٿي ويو ۽ عيالداريءَ سان گڏوگڏ تعزيت ۽ عزر خواهيءَ لاءِ ايندڙ تمام وڏي جماعت جي مهمانداري ۽ خدمت گذاري وغيره سبب جو ڪجھ ڪيسي ۾ موجود هو سو خرچ اخراجات جي ڏهين پتيءَ جيترو بہ ڪونہ هو. وري زمانو ڪاسد دؤر غربت دين- عالمن فاضلن فقيرن لاءِ عوام الناس جون دليون ارادتمندي ۽ اخلاص کان بلڪل خالي ۽ عاري- غرض تہ افلاس ۽ مسڪيني سببان ڪَمر ٽٽل- روزگار ناميسر- هجوم غم و اندوہ دل تي چانيل- نيٺ حالات کان تنگ ٿي- آباؤ و اجداد جي ڇڏيل خزانہِ ڪتب جا ويهي ورق ورايم تہ من بہ ڪتان کو رزق جي ڪشادگيءَ لاءِ مجرب وظيفہ ۽ ٻيو نسخو هٿ لڳيم.

آخر گهڻي ڳولها بعد حضور ڏاڏي سائين جن جو ڏسيل آزمايل هڪ وظيفہ رزق جي ڪشادگيءَ لاءِ هٿ چڙهيم. سو اهو هٿ ڪري هڪ وقت مقرر ڪري، وڃي مزار پر انور حضور بابا سائين (حضرت مخدوم محمد عاقل (چوٿون) عرف پير محمد رحمتہ الله عليہ جن جي قبر اطهر سامهون (شهيدن سڳورن بادشاهَن جي مقبري اندر) انهيءَ خاص مقصد ۽ غرض سان وظيفو ڪڍڻ شروع ڪيم، پر اتفاق اهڙو ٿيو جو ٿورڙي عرصہ اندر- اڃا ننڊ نهوڙيو ۽ دل و دماغ تي اهڙو تہ قبضو ڪيائين جو تسبيح هٿن مان ڇڏائي وڃي

www.maktabah.org

پٽ تي پيئي- وري ان گهيرڻ بعد- جڏهن جاڳ ٿي، ته پنهنجي حالت تي افسوس ڪائي، لاحول پڙهندي وظيفو پوريءَ تياريءَ سان مُستعدي سان ٻيهر شروع ڪيم ته وري به اجا اڌ ڪن تسبيح مس پڄائي هيم ته ننڊ جو اڳي کان به وڌيڪ غلبو دل و دماغ تي ڇانئجي ويو. جنهن جي نتيجي طور زبان، سلسلهٔ ڪلام جاري رکڻ کان قاصر ٿي وئي. اکيون خودبخود ٻوٽجي ويون ۽ اتي ئي فرش تي ڏگهو ٿي پاسي ڀر ليٽي پيس، وري ڪجهه وقت کان پوءِ سجاڳ ٿي، پنهنجي حال تي رحم کاڌم- ۽ غصو پڻ آيم، پر آخر ڇا ٿي ڪري سگهيس.

"قهر درويش- برجان درويش" وري ٽيهر ڪوشش ڪيم ته ڪنهن نه ڪنهن طرح وظيفه ڪي صبح جي نماز تائين پورو ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿئيم. پر سَعي لاحاصل. دلي مراد آخر تائين پوري ڪونه ٿي سگهي، نيٺ ان عمل تان ئي هٿ ڪڍڻو پيو ۽ سمجهيم ته اهو اسان جي قسمت ۾ شايد نه آهي، ته ان طرح دلي مراد حاصل ٿئي. هوئڻ به جيئن ته تعزيت ۽ عزر خواهيءَ جا ڏهاڙا هئا. (والد الماجد مڪرم جن جي تازي وصال سببان) سو ڏينهن ته سڄو ماڻهن سان منهن ڏيندي گذرندو هو ۽ رات جو به اوجاڳي جي تڪليف سا ته اسان جي سهڻ کان ئي ٻاهر هئي. خود رب پاڪ جو فرمودو آهي ته جعلنا الليل لباسا و جعلنا النوم نعاسا" ۽ جيئن ته خلق الانسان ضعيفا (ويچارو انسان ته ڪمزور خلقيل آهي).

سو ڀه خفا ڪائنس هڪ ئي وقت پڄن. اها ڳالهه سندن

www.maktabah.org

لاءِ محال آهي، آخرڪار جيئن ئي ماڻهن جي اچ وڃ (آمد) ڪي قدر ڍري ٿي ته حوائج ضروريءَ جي حاصلات لاءِ هٽ پير هڻڻ خاطر- لب درياءُ واقع پنهجي اباڻي جاگير جي زمينن جي چڪاس لاءِ گهران تيار ٿي سفر لاءِ تيار ٿيم. دلي ارادو اهو به هو ته واٽ تي حضور ناني سائين (حضرت مخدوم الزمان مخدوم محمّد اسماعيل رحمۃ الله عليہ) جن جي مزار مبارڪ جي زيارت کان به مشرف ۽ مستفيض ٿيندس ۽ اتي ان درگاهه تي سوال ورجائيندس ته ڪا مشڪل ڪشائي ٿئي. آخر مشڪل ۾ ابا ڏاڏا نه امداد ڪندا ته ٻيو ڀلا ڪير ڪندو؟!! سوچيم ته ڏاڏا جن ته ڏاهه ڪانه ڏني هاڻي ڏسون ته نانا سائين جن هٿُ هٿ ۾ ڏين ٿا- يا نه!؟ سو مزار پُرانور تي دعا جا هٿ دراز ڪرڻ خاطر وڃي ناني سائين جي چائنٺ چميم ۽ سندن در جهليم. ڪيئي مسئلا درپيش هئا. سفر باظفر ۽ بجميعتِ خاطر لاءِ به امداد درڪار هئي. آخر عشاءَ نماز کان پوءِ ابتدائي رات جو ڪجهه حصو سمهي ڪيم نند. ته متان شهيدن بزرگن جي مقبره وارو حال ڪٿي هت به نه ٿئيم. بهرحال رات جو پوئين پهر جاڳڻ بعد پاڻ کي گهڻي قدر چاق و چوبند ڄاتم. ان وقت خلق مخلوق جي هؤمؤ به گهڻي ڀاڱي گهٽيل هئي. سو وضو ڪري وڃي مزار اطهر جي ٻاهران نفلن ۾ مشغول ٿيس. فارغ ٿيڻ بعد- مقبري اندر داخل ٿيڻ بعد جئن ئي ورد وظيفو شروع ڪيم تيئن ئي رب پاڪ جي رحمت ۽ مرشد ڪريم حضرت ناني سائين جن جي عنايت سان بلڪل سجاڳيءَ واري حالت ۾ سندن بالمشافہ زيارت نصيب ٿي. (مڪاشفہ واري ڪيفيت

www.maktabah.org

اندر) سندن صورت مبارڪ اجا تائين دل تي نقش ٿيل اٿم. استمداد و دعا ڪائڻ طلب ڪيم. پاڻ سڳورن فهمايش ڪندي ڪجهه حڪايتاً ڪجهه شڪايتاً فرمايو ته، "بابا!! پٽ!! مون ڪان ڇا ٿو گهرين؟ الله تبارڪ و تعاليٰ ڪان گهر جيڪي ڪي گهرڻو اٿئي."

مطلب اهو ته دنيا جي طلب صحيح نه آهي. اها ته بلڪل بي بقا چيز آهي. اها تون ڪهڙي گهر ڪٽي آيو آهين؟ حق سبحانه و تعاليٰ ڪان رؤيت ۽ رضامنديءِ الاهي طلب ڪر، اها ئي هڪ حقيقي طلب آهي. باقي دنيا ته اچڻي وڃڻي شيءِ آهي. سواءِ رضامندي الاهي جي ٻيو ڪجهه به طلب نه ڪر. اسان ان وچ ۾ سندن منهن مبارڪ چهره اقدس ۾ اکيون ڪپايون ويٺا هياسون. ۽ سندن جلوه مقدس و منوره سان پَي اکين کي ٺاريوسون. ائين ڪندي ته سندن صورت مبارڪ في الحال ته يڪبارگي غائب ٿي ويئي. سندن الفاظ بهرحال ڪنن ۾ واجٽ ڪري رهيا هئا. سمجهي ورتوسون ته حضرت قبله گاهم دنيا طلبيءَ کان صريح منع فرمائي ڇڏي. اوچتو دل ۾ خيال آيو ته آخر هي خرچ اخراجات يلا ڪهڙي ليکي پورا ٿيندا. آخر مٽي ڪائي ته ڪونه جيئبو. هي جو قرض جا انبار مٿان چڙهي ويا آهن، سي ڪيئن لهندا؟!! اهو خيال دل ۾ اچڻ شرط هڪ دفعو ٻيهر ناني سائين جن نمودار ٿيا. ڇا ٿا ڏسون ته مرڪي رهيا آهن ۽ پيار ۽ پاٻوهه سان فرمائي رهيا آهن ته، "بابا!! پٽ!! دل ڇو لوڙهي اٿئي؟! ائين ڪندي جيب ۾ هٿ وجهي يريل مُٺ اشرفين جي ڪڍي منهنجي حوالي ڪندي فرمايائون ته هان. وٺ، تنهنجي

www.maktabah.org



درگاھ عاليہ حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحہ پريان لوءِ شريف.

www.maktabah.org



درگاهه حضرت مخدوم محمد اسماعيل جي روضئ مبارڪ جو دروازو

www.maktabah.org

مرقد مبارڪ- درگاھ حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريالوئي.

www.maktabah.org

حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحہ پريالوئي جي هٿن مبارڪن سان لکيل
قرآن مجيد جيڪو پريالوءِ جي سيدن وٽ محفوظ آهي.

درگاهه عاليه حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي روضي مبارڪ جي دروازي
تي لڳل فارسي ڪتبو.

www.maktabah.org

وقتي ضرورت خرچ خروچ لاءِ في الحال هي گينيون موجود آهن. جيئن جيئن تنهنجي ضرورت وڌندي ويندي، پيون تو لاءِ موجود پيون ڪبيون.

اهي سندن ڪرامتون اسان- پنهنجي اکين ڏٺيون. ان طرح اسان جي افلاس ۽ تنگدستيءَ جو هميشہ لاءِ تدارڪ ڪري ڇڏيائون.

الحمدلله عليٰ ذالڪ

قسم خدا پاڪ جو تہ ان گهڙيءَ کان پوءِ وري ڪڏهن بہ ڪنهن دنيوي مشڪلات منهنجي آڏو سرُ نہ ڪنيون. هر طرح جي حاجت روائي از غيب خودبخود ٿيندي رهي، نہ دنيا اسان وٽ ڪڏهن ايتري جمع ٿي جو اسان جي لاءِ عبادت خداونديءَ ۾ سستيءَ ۽ ڪاهليءَ جو سبب بڻجي سگهي. يا اجايو تعيَش ۽ عيش حاصل ٿئي. ۽ نہ ڪڏهن اهڙي شديد افلاس منهن ڪيو جو طبيعت ڪبيده ٿئي ۽ جميعت خاطر تہ و بالا ٿي وڃي. الله تبارڪ و تعاليٰ جو هر حال ۾ ڪرم شامل رهيو. ۽ رزق ۾ فراخي عطا ٿيندي رهي تہ اهو سڀ ناني سائين بزرگوار رحمتہ الله عليہ جي دعا ۽ امداد جي اثر جو نتيجو هو. اها سندن سخا ڪا صرف اسان (يعني سندن پنهنجي اولاد) سان ئي نہ هئي، پر سندن اها سخا بلڪل عام رهندي اچي. سندن دروازي تان سوالي ڪڏهن بہ خالي ڪين موٽندو. خود سندن زندگيءَ ۾ بہ سندن اهو طريقو هوندو هو. تہ پنهنجي مريد جي سڀ کان اڳ دنيوي حاجت روائي فرمائيندا هئا.

www.maktabah.org

ڪجھ مزيد ڪرامتون

(١)

حضرت پير پَٽ ڌڻي بادشاه رحہ جن اعليٰ حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريالوئي جن جي ارادتمندي ۾ حصول فيض جي خيال کان وٽن اچي مسجد شريف جي مٿي پرڻ شروع ڪئي ۽ ڪجھ وقت اتي رهيا. هڪ ڏينهن پير صاحب جن آيا پي تہ مخدوم صاحب جن سندن اڳيان اٿي مرحبا ڪئي، ائين تي پيرا ڪيائون. بعد ۾ هڪ دفعہ مخدوم صاحب پير صاحب جن لاءِ ائين اٿي مرحبا نہ ڪئي تہ پير صاحب جن ان سلسلہ ۾ پڇيو- پاڻ فرمايائون تہ، اها تعظيم توهان وٽ امانت لاءِ هئي. (حضرت روضہ ڌڻي بادشاه جن ڏانهن اشارو) جيڪا (هينئر حرم پاڪن ڏانهن منتقل ٿي ويئي) اوهان وٽ نہ رهي آهي.

(٢)

مشهور ۽ متواتر روايت آهي تہ، هڪ دفعي حجم سندن سنوارت ڪري رهيو هو تہ ايتري ۾ سندس ڪَنَ تي ڪنهن شادماني ڊُهل وغيره يا سَهرن جي آواز جو پڙلاءُ پيو. همراه کان ٿڌو ساه نڪري ويو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي مخدوم صاحب جن جي مٿي مبارڪ تي پيا. پاڻ ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيائون. ان تي ان حجم عرض ڪيو، ”قبلا! اها ڇج منهنجي ٿيندڙ نُنهن جي آهي، جيڪا منهنجي گم ٿيل پُٽ جي نالي ٿيل هئي، پر ان جي اچ تائين واپس نہ ٿيڻ جي ڪري سندس وهانءُ ٻئي سان ٿي رهيو آهي.“

مخدوم صاحب جن اڌ ڪوڙيل مٿي سان، ڪونئرو

www.maktabah.org

ڪٽي ٻاهر هليا ويا ۽ وري موٽي آيا. حجم گهر پهچڻ شرط خوشيءَ خوشيءَ جو ماحول ڏسي معلوم ڪيو ته سندس پٽ واپس اچي ويو. پڇڻ تي ڪيس پُٽ ٻڌايو ته، ”ڍهليءَ جي شهر ۾ هوس، ڪنهن ڪم سانگي آيس ته اڌ ڪوڙيل مٽي واري هڪ فقير مون کي اچي ٻانهن کان ورتو ۽ هينئر هتي پنهنجي اباڻي گهر ۾ پاڻ کي ڏسي رهيو آهيان.“ حجم پُٽ کي مخدوم صاحب جن جي خدمت ۾ وٺي آيو. پري کان ئي ڏسندي ئي پُٽس رڙ ڪري چيو ته، ”بابا! اهو فقير هيو، جنهن مون کي ٻانهن کان وٺي هتي پهچايو آهي.“ اهڙي طرح حجم جي گهر ۾ وڃايل خوشيون ۽ مُرڪون موٽي آيون ۽ شادمانا ٿي ويا.

(۳)

استاد احمد الدين خواجه کهڙائي مرحوم جن هڪ دفعي ٻڌايو ته، مخدوم محمد اسماعيل پريالوءِ واري جي درگاه تي هڪ حافظ ڪنهن حاجت مشڪلات جي سلسله ۾ قرآن پاڪ پيو پڙهيو پر ڪافي عرصي تائين ڪيس ڪوئي نياءُ نه مليو ته هن حجت ڪري مخدوم صاحب جي پيرانديءَ کان ويهي قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو. ڪيس هڪلون ٿيون ۽ آواز آيو ته، ”تون اسان جي پيرن کان ٿو قرآن پاڪ پڙهين. اسان پير ڪيڏانهن ڪريون.“ هن عرض ڪيو ته، ”عرصي کان وٺي نياءُ جي اوسيئڙي ۾ آهيان، انڪري حجت ڪئي اٿم.“ سائين جن فرمايو ته، ”اسان کي تنهنجي تلاوت پسند آهي، ان ڪري توکي اشارو نياءُ نه ٿا ڏيون. تنهنجو ڪم ته ٿي چڪو آهي.“ اهو حافظ ڳوٺ پهتو ۽ اتي

www.maktabah.org

ڪيس مخدوم صاحب جن جي قول جي تصديق ملي ته واقعي سندس روانگيءَ کان ستت ئي پوءِ سندس مشڪل حل ٿي چڪي هئي.

(۴)

مٿي ذڪر ڪيل حجم جي پُٽ جي واقعي وانگر هڪ بادشاه، جنهن ڪنهن سائل جي زال کي زوريءَ پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو هو، ڪٺ ۽ ان عورت سميت پنهنجي ڪمري ۾ حاضر ڪرڻ ۽ ان سائل کي سندس عورت واپس ڏيارڻ واري مخدوم صاحب جن جي ڪرامت به مشهور آهي.

(۵)

سندس اها ڪرامت به مشهور آهي ته، ڪئين قرآن پاڪ ياد نه ٿيڻ ۽ نه پڙهي سگهڻ وارن ٻاڏائيندڙ سائلن جي مشڪل حل ٿي ۽ کين قرآن پاڪ پڙهڻ نصيب ٿيو. (ذهن کُلي ويو) ۽ ڪيئن کين قرآن پاڪ ياد ٿي ويو. (حافظو ايترو تيز ٿي ويو)

(٦)

برادرم الطاف حسين آءِ ابڙو کهڙائي (سوهو قناصرا ضلع خيرپور) کي سندس عزيز انور لوهر (ويٺل ڳوٺ سوهو قناصرا) ٻڌايو ته، "آئون تپ دق جي علاج خاطر ڊاڪٽرن وٽ وَيس، پر ڪنهن جي به علاج مان فائدو نه پي پيو. نيٺ مخدوم محمد اسماعيل سائين جي درگاه تي پرياڻوءِ ۾ وڃي رهيس ته مَنَ الله جي پياري جي برڪت ۽ دعا سان ٻين وانگر مون کي به شفا نصيب ٿئي. هڪ رات ڏٺم ته نوراني چهري وارا شخص اتي رهيل سائلن کي ڏسڻ ۾ مشغول ٿي

www.maktabah.org

ويا. انهن مان هڪ ٻئي بزرگ کي مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته، هي به شفا لاءِ آيل آهي. ان کي به ڏسو. ٻئي بزرگ ٿورو اڳتي وڌندي چيو ته، هيءُ ته جاڳي ٿو پيو. ائين اهي بزرگ گم به ٿي ويا. الحمدلله، مون کي مخدوم صاحب جن جي برڪت سان شفا ٿي ويئي ۽ وري ان سلسلي ۾ ڪنهن ڊاڪٽر وٽ نه ويو آهيان."

(٧)

حضرت مخدوم صاحب پريالوي رحہ جن جڏهن به حضرت مخدوم محمدي رحہ جي زيارت لاءِ (ملاقات) ايندا هئا ته سندن پٽيان هلندا هئا، مخدوم صاحب جن ڪين اڳيان هلڻ لاءِ چوندا هئا، جنهن تي جواب ڏيندا هئا ته، "محبوب سائين! اوهان جي پيشانيءَ مبارڪ ۾ اسم اعظم ذاتي مبارڪ چمڪندڙ آهي. جنهن ڪري اوهان کي پٺي ڏيڻ جي اسان کي طاقت ڪينهي."

(٨)

مقامي معمر خليفه آخوند محمد عثمان رتڙ ٻڌايو ته، "حضرت مخدوم پريالوئي رحہ جن جي وفات بعد سندن لاش مبارڪ کي ڪانڌي- (مريد وغيره) کنيو پي ويا ته هڪ واه تان گذرڻ مهل اڳيان هلندڙ، منهن تي ڪپڙو ويڙهيل شخص چيو ته، بابا! اڳيان پاڻي اونهو آهي. توهان هيڏانهن هلو. ته موجود ماڻهن منجهان ڪنهن ان کان پڇيو ته، اوهان ڪير آهيو؟ ان چيو ته مان محمد اسماعيل آهيان. ماڻهن چيو ته مخدوم محمد اسماعيل ته وصال ڪري ويو آهي ۽ اسان ان جي لاش کي ڪٽ تي کنيو پيا وڃون. دفنائڻ لاءِ...! توهان

www.maktabah.org

کهڙا محمد اسماعيل آهيو. پاڻ فرمايائون ته، ڪتولي وارو محمد اسماعيل مان ئي آهيان."

(٩)

ساڳئي خليفه آخوند محمد عثمان رتڙ کهڙائي مرحوم هڪ روايت حضرت مخدوم صاحب رحه جن بابت بيان ڪئي ته، هڪ مست ولين جون امانتون مختلف ولايتن مان ڪسيندو پئي آيو ۽ حضرت مخدوم صاحب رح جن کان به امانت ڪسيائين. حضرت مخدوم صاحب رحه جن پنهنجي مرشد حضرت سيد جمال الله رحه جن وٽ حاضر ٿي امانت ڪسجڻ واري پوري ماجرا عرض ڪيائون. سندن مرشد سڳوري رحه جن فرمايس ته، "اوهين حضرت غوث الاعظم سيد عبدالقادر جيلاني رحه جن جي دربار ۾ دانهين ٿيو."

حضرت مخدوم صاحب رحه جن بغداد شريف ۾ حضرت غوث الاعظم رحه جن جي دربار ۾ حاضر ٿي مراقبه جي صورت ۾ پوري ماجرا عرض ڪئي. حضرت پيران پير دستگير رحه جن ڪين مراقبه واري حالت ۾ فرمايس ته، "سڀاڻي دهليءَ ۾ هڪ ولي الله جي جنازه نماز ٿيڻي آهي. اتي سرڪار دوجهان ﷺ جن جي ڪچهري لڳندي. ان ڪچهريءَ ۾ اهو مست به موجود هوندو. اتي دانهن عرض رکجو. ۽ اهو پڻ فرمايائونس ته، ان بزرگ جي نماز جنازه اوهان پڙهائيندؤ." هوڏانهن وري بزرگ اهل الله (جنهن جي نماز جنازه ٿيڻي هئي) پنهنجي آخري وصيت ۾ چيو هئائين ته، "منهنجي نماز جنازه اهو بزرگ شخص پڙهائيندو، جنهن پنهنجي اگهڙ پوريءَ زندگيءَ ۾ نه ڏٺي هجي. ۽ اهو بزرگ اتر

www.maktabah.org

طرف کان ايندو، سندس نالو مخدوم محمد اسماعيل رح هوندو."

ان مرحوم بزرگ جا هزارين مريد ۽ معتقد مخدوم صاحب جي زيارت لاءِ صبح ٿيندي ئي اتر طرف واري رستي (لنگهه) کان وڃي بيٺا. ۽ حضرت قبله مخدوم صاحب جن کي وڏي استقبال جي صورت ۾ جنازه گاه ڏانهن آندائون. حضرت مخدوم صاحب جنازه نماز پڙهائي پوءِ پنهنجي مرشد سڳوري سان گڏ وڃي حضور ڪريم ﷺ جن جي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيا. ۽ پنهنجي ماجرا نهايت ئي عاجزيءَ ۽ انڪساريءَ سان حضور ﷺ جن جي حضور ۾ پيش ڪيائون. پاڻ ڪريمن ﷺ جن حضرت ابابڪر صديق رح جن کي حڪم ڪيو ته، مخدوم صاحب کي امانت واپس وٺي ڏيو. حضرت ابابڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه جن وري حضرت علي ڪرم الله وجه جن کي فرمايو ته، جيئن ته ولايت جا امام اوهين آهيون، اوهان ئي مخدوم صاحب کي امانت وٺرائي ڏيو. جيئن ته اهو مست به ان ڪچهريءَ ۾ موجود هو.

حضرت مشڪل ڪشا رضي الله عنه ان مست جي پَس پيش ڪرڻ تي ڪيس حڪم ڪيائون ته، "جيڪي به امانتون تو وٽ ڪسيل آهن، سي سڀ مخدوم صاحب کي ڏي ۽ پنهنجي امانت مان به اڌ مخدوم صاحب کي ڏي." اهڙي طرح ان مست ٢١ ولين جون ڪرامتون ۽ پنهنجي ڪرامتن جو اڌ به مخدوم صاحب کي ڏنو.

ان طرح حضرت مخدوم صاحب رح کي پنهنجي امانت سميت سادن ايڪيهن ولين جون امانتون حضرت پيران

www.maktabah.org

پير دستگير رحہ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجہ جن جي مهربانيءَ سان عطا ٿيون.

(١٠)

موجوده حضرت پير سائين پاڳاره جن جي برادر مرحوم پير سائين نادر شاهه جن ڪنهن عقده ڪشائيءَ جي سلسلي ۾ حضرت مخدوم پريالوئي سرڪار جن جي پيرانديءَ وٽ پنهنجي ٽوپي رکي آيا. ان درگاه مبارڪ جي خدمت گار مجاور مخدوم روشن علي رح کي خواب ۾ حضرت مخدوم صاحب جن طرفان اشارو مليو تہ، "نادر شاهه وٽ وڃي، کيس سندس هيءَ ٽوپي پهچائي اچ ۽ چئُہ تہ، تنهنجو ڪم ٿي ويو آهي. هيءَ پنهنجي ٽوپي واپس وٺ."
(راوي ساڳيو اخوند محمد عثمان رتڙ)

(١١)

(شهباز پبليڪيشن حيدرآباد جي مطبوعہ، سيد محمود شاهه بخاري لاڙڪاڻوي جي تصنيف (مقالہ)، جيڪو جڳ مشهور بزرگ مونالا تاج محمود امروٽي جي مفصل سوانح حيات آهي، ۾ هي واقعہ مذڪور آهي تہ، هڪ نؤمسلم هندو ڇوڪري جي مقدمہ جي سلسلہ ۾ ڪورٽ ۾ حاضري هئي، سيئي علماءَ ۽ ٻيا مسلمان پريشان ويٺا هئا تہ بزرگ امروٽي الائي ڪهڙي وقت پهچندا. اچ شنوائي آهي سا بہ هڪ ڪٽر مسلمان دشمن انگريز جج وٽ! نيٺ بزرگ جي سواري ايندي ڏٺائون تڏهن وڃي سندن پيٽ ۾ ساهه پيو. بزرگ کي پنهنجي اوسيئڙي ۽ پريشانيءَ جي باري ۾ ٻڌايائون. بزرگ کين تسلي ڏيندي چيو تہ، "مان پريالوءِ ويو هوس. مخدوم صاحب (محمد اسماعيل پريالوئي) رح مونکي

www.maktabah.org

خوشخبري ڏني آهي تہ ڇوڪرو اوهان جو آهي.“

شنوائي ٿي، ڇاڪاڻ تہ الله پاڪ مخدوم صاحب جن جي دعا جي اجابت طور ڪوائف ئي بدلائي ڇڏيا ۽ ان ڪٽر مسلم دشمن جج توڙي غير مسلمان مدعين جي شر ۽ نقصان کان مسلمانن کي محفوظ و مامون رکيو.

(۱۲)

سندن آستانہ مبارڪ جو پانديئڙو فقير عاصي کهڙائي سومرو راوي آهي تہ، ”۱۹۹۲ع ۾ منهنجي ڀاءُ جي اغوا لاءِ سندن دربار عاليہ ۾ حاضر ٿي عرض ڪندو هوس. نيٺ هڪ ڏينهن بعد پاڻ بشارت فرمايائون تہ، فلاڻي مهيني جي آخري تاريخ ڇوڪرو اوهان کي موٽي ملندو. ٿيو بہ ائين جو اسان جو ڀاءُ ان ئي مهيني جي آخري تاريخ سانجهيءَ جي ٻانگ وقت اسان وٽ گهر پهچي ويو.“

(۱۳)

حاجي محبوب علي خان چانديو ڳوٺ خود لڳ ڦوڙي تعلقہ ڪنگري روايت ڪئي تہ، ”مخدوم صاحب جن جي زماني ۾ رود رستا ڪونہ هئا. رڳو جهنگ ئي جهنگ هوندا هئا. هڪڙو واڻيو ٻر واري شهر مان سؤدو سامان وٺڻ ويو. واپسيءَ تي هن کان رستو ڀُلجي ويو. مخدوم صاحب جن عبادت الاهيءَ خاطر ساڳئي جهنگ ۾ مراقبي ۾ ويٺا هئا. جنهن جاءِ تي پاڻ ويٺا هئا، اتي واڻيو ڀٽڪندو ڀٽڪندو اچي اتفاق سان پهتو. مخدوم صاحب جن ڏٺو تہ ٻاهر ڪو ماڻهو بيٺو آهي. پاڻ آواز ڪري پڇيائونس تہ، ”ڪير آهين؟“ واڻيي کي ڏاڍو خوف ٿيو. خوف ۾ ڏڪندي وراڻيائين تہ، ”مان فلاڻو واڻيو آهيان.“ پڇيائونس تہ، ”هتي ڪيئن آيو

www.maktabah.org

آهين؟" واٽئي چيو ته، "سائين رستو ڀلجي پيو آهيان. پريالوءِ وينڌس." مخدوم صاحب جن اشارو ڪري چيس ته ڏس هي آهي، پريالوءِ جو شهر. واٽئي ڏٺو ته هي شهر ٿي پيو آهي، نبي سائينﷺ جن جو روضو مبارڪ نيلُن سان آهي. واٽئي چيو ته، "سائين هيءُ ته پريالوءِ ناهي." پوءِ پاڻ سندس پريشانيءَ تي شفقت ڪري ڪيس اشارو ڏنائون، ته هاڻي ڏس. واٽئي ڏٺو ته هو پنهنجي ڳوٺ پريالوءِ ۾ آهي. (درحقيقت مخدوم صاحب جن جي نظر و ڪرم سان هو مدينه منوره ۾ پهچي ويو. جيڪو اصل پريان لوءِ يعني پِرين يعني الله جي حبيب ڪريمنﷺ جن جي لوءِ (يعني بستي- شهر) آهي.

(١٥)

هاءِ اسڪول ڪولاب جيئل (ضلع خيرپور) جي استاد محمد ايوب خان چانڊئي روايت ڪئي ته، سائين مخدوم صاحب پريالوئي جن جو هڪ عقيدتمند ٻڪرار هر جمعي نماز پڙهڻ لاءِ ٻڪريون اتي ٿي جهنگ ۾ ڇڏي، هليو ايندو هو. هڪ دفعي ڪنهن شخص چيو ته، ڏسون ته سهي ته اهي ٻڪريون ٻڪرار ڪان سواءِ، هڪ هنڌ گڏ جهنگ ۾ ڪيئن بيٺيون آهن. اتي پهچي ڏٺائين ته هڪ بگهڙ ٻڪرين جي ان ڌڻ جي چوڪاري پهرو ڏيئي رهيو هو. (سبحان الله)

سندس ٻئي روايت آهي ته، درياءُ ڪنهن جڳهه تي پائيندو آهي ته، مخدوم صاحب جي روضي مبارڪ جي پراڻي سِرَ انهيءَ جاءِ تي وجهڻ سان درياءُ اتان پائڻ ڇڏي ويندو آهي.

اڄ تائين حضرت مخدوم العارفين پريالوئي سرڪار جن جي آستانهءِ عاليه تان هزارين مريض شفاياب ٿيندا رهن ٿا، هر مرادوند جي مراد پوري ٿيندي آهي، مشڪل حل ٿينديون

www.maktabah.org

رهنديون آهن ۽ روئيندڙ ڪلندا واپس ورندا آهن. جيڪڏهن صرف چند ويجهڙائيءَ وارن سالن جي اهڙن مهربانين جو تذڪره ڪجي ته به دفتر پرجي ويندا.

هتان جا ديوان (واٽيا) سندن عقيدت مند ۽ ارادتمند آهن ۽ صدق دل سان سمجهندا آهن ته الله جي هن مقبول ٻانهي جي پناه ۽ امان ۾ رهون ٿا ۽ سندن دعا برڪت سان اسان سان ڪيئي مهربانيون ٿينديون رهن ٿيون.

حضرت سائين جو هڪ ٻانيڻ ڪي هڪ نظر سان عالم ۽ پيش امام بڻائڻ واري سندن ڪرامت به مشهور آهي.

ڪوئی اندازه ڪر سڪتا هے ان کی زورِ بازو ڪا،
نگاهِ مردِ مومن سے بدل جاتی هيں تقديريں-

حضرت مخدوم صاحب پريالوي رحه وڏو ولي خدا رسيده بزرگ ٿي گذريو آهي. جنهن پنهنجي حياتيءَ ۾ هزارها آدمين کي فيضياب ڪيو هو، سندن وفات ڪان پوءِ به سندن مزار مبارڪ تي ماڻهن جي رجوعات تمام گهڻي انداز ۾ آهي. عورت ذات کي سندن قُبه اندر وڃڻ جي جرئت ڪانه ٿي سگهندي آهي. پاڻ هزارن جي رهبري ڪندي بروز سومر اٺين تاريخ ماه ربيع الاول ۱۱۷۴ھ بمطابق ۱۹٦۰ع ۾ وفات فرمايائون.

"اللهم ارزقنا و انفعنا بِه برڪاتهم"
به هشتم از ربيع الاَول او رفت،
دوشنبه چون ڪه باز آمد زحانوت،
زتاريخش بَمن هات چُنين گفت.
۱۱۷۴ھ
مقام روح پاڪش جائي لاهوت.

www.maktabah.org



حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي روضي جو ٻاهريون منظر.

www.maktabah.org



درگاھ عاليہ حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي احاطي ۾ موجود کوھ جيکو
هينئر مسجد جي تعمير ۾ شامل ٿي ويو آهي.

www.maktabah.org



پريالوءَ ۾ درگاھ عاليہ حضرت مخدوم محمد اسماعيل سان لڳ زير تعمير مسجد جو ڏيک.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

مخدوم اسماعيل پريان لوي

مولانا دين محمد وفائي

ولي، ڪامل، عالم عامل، فاضل جليل مخدوم اسماعيل قوم جوڻيجو، سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جو امام ٿي گذريو آهي، تصوف ۽ عرفان سان گڏ هو بزرگ ظاهري علمن جو به وڏو عالم هو، هميشه ظاهري علم جي درس جو سلسلو جاري رکندو ايندو هو. هو خوشخط به هڪ ئي هو، معقول ۽ منقول جا سمورا درسي ڪتاب پنهنجي قلم سان لکي پنهنجي ڪتب خاني ۾ جمع ڪيا هئائين. مريدن کي فيض تلقين ڏيڻ ۽ درست پڙهائڻ سان گڏ روزانو ڪنهن نه ڪنهن ڪتاب جي هڪ يا ٻه جزء لکندو رهندو هو، ڪن جو چوڻ آهي ته پاڻ ڏينهن جو آرام ڪندو هو ته سندس قلم خودبخود لکندو رهندو هو. والله اعلم مخدوم صاحب جي مرشدن جو سلسلو هيٺين ريت آيل آهي. مخدوم صاحب مريد آهي، مخدوم جمال الله سنڌي پريان لوئي جو هو، حافظ ايوب سنڌي جو. او شيخ محمد سعد لاهوري (وفات ١١٥٢) جو. او شيخ سيد آدم بَنوري جو (وفات ١١٥٣) او شيخ احمد سرهندي امام رباني مجدد الف ثاني (وفات ١٠٣٤)

www.maktabah.org

جو رحمة الله عليهم.

مخدوم محمد اسماعيل پنهنجي زماني ۾ ڪمالات ۽ ڪشف جي لحاظ سان يڪتا زمانہ هو، سندن ڪرامتون ايتريون آهن جن جو شمار ڪري نٿو سگهجي. هتي ڪجھ ٿوريون ڪتاب ”آئينہ جهان نما“ مان نقل ڪجن ٿيون.

(١) هڪ ماهيڙي عورت ڏڌ وڪڻڻ لاءِ پريان لوءِ ڏانهن آئي ٿي، تہ جهنگ ۾ واٽ ڀلجي ويس، اتفاقاً اتان مخدوم صاحب اچي لنگهيو، مائي چيس تہ، ”سائين پريان لوءِ جو تہ ڏس ڏيو.“ مخدوم صاحب دل ۾ چيو تہ، محبوب جي ڳوٺ جو ڏس پڇي رهي آهي، تنهن تي مائي کي سڏي فرمايائون تہ، ”اکيون کڻي پور!“ مائي اکيون پوري جو پوءِ کڻي کوليو تہ مدينہ منوره سندس سامهون هو. مائي کي چيائين تہ، ”اجهو هي پرين جو شهر آهي.“ ماهيڙي مائي بي خبر هئي، ڏاڍي حيران ٿي چوڻ لڳي تہ، ”مون کي جنهن ڳوٺ ۾ وڃڻو آهي، سو هي تہ اهو ڪونہ آهي.“ مخدوم صاحب فرمايس تہ، ”اکيون بند ڪري پوءِ کول!“ مائي حڪم جي تعميل ڪئي تہ پوءِ سچ پچ پاڻ کي پريان لوءِ جي ڀاهران ڏٺائين.

(٢) هڪ شخص لوئي (ڪٽي) رنگائڻ لاءِ پريان لوءِ جي هڪ اسماعيل نالي کٽيءَ ڏانهن آيو ٿي تہ رستي ۾ مخدوم صاحب پنهنجي مسجد جي در وٽ مليس هو ماڻهو ناواقف هو، تنهن پڇيو تہ، اسماعيل کٽي ڪٿي رهندو آهي، جنهن کان مون کي ڪٿو رڱائڻو آهي. مخدوم صاحب فرمايو تہ هڪ اسماعيل تہ آءٌ بہ آهيان، اچ تہ تنهنجي ڪٽي کي مان ئي

www.maktabah.org

رنگي ڏيان. پوءِ هن شخص تي ايڏو توجہ وڌائون جو ڪجھ وقت بي هوش ٿيو پيو ۽ سندس دل ذڪر الاهي سان زنده ٿي پئي ۽ رنگجي لال ٿي ويو. هوش ۾ اچڻ کان پوءِ مخدوم صاحب جي پيرن تي ڪري پيو تہ هي مون تي ايڏو احسان ٿيو آهي، جو هزارن سالن ۾ بہ ڪنهن تي ڪونہ ٿيو هوندو. مخدوم صاحب فرمايو تہ بابا! اسان تہ ان ريت رڱيندا آهيون. ان کانپوءِ اسماعيل ڪتي کي گهرائي ڪيس لوئي بہ رنگائي ڏنائون.

(٣) هڪ شخص ڪنهن ولايت مان پارس پٿر (اڪسير) سندس خدمت ۾ کڻي آيو، جنهن جي خاصيت هيءَ تہ لوهہ يا ٽامي کي لڳائجي تہ سونُ ٿي پوي، مگر مخدوم صاحب اهو پٿر وٺي کڻي کوهہ ۾ اڇلايو، هن ماڻهو کي پنهنجي ڪئي ڪمائي جي چٽ ٿي وڃڻ تي افسوس بہ ٿيو ۽ حيران بہ ٿيو. مخدوم صاحب کوهہ کي گيڙو ڏياريو تہ لوٽين ۾ ڪيترائي پارس پٿر اچڻ لڳا ۽ هن ماڻهوءَ کي چيائون تہ جيڪو تنهنجو هجي سو سڃاڻي کڻ! فقيرن کي اڪسير يا پارس پٿر جي ڪابہ گهرج يا لالچ نہ ٿيندي آهي.

(۴) پير سيد موسيٰ شاھ گھوٽڪي واري جي خدمت ۾ هڪ شخص دهلي مان فيض وٺڻ آيو، جو ڏاڍو مفلس ۽ تمام گهنگار هو. پير موسيٰ شاھ جيلاني فرمايس تہ، تون اڳ ۾ محنت ڪري دل کي صاف ڪر ۽ پاڻ ۾ فيض حاصل ڪرڻ جو استعداد پيدا ڪر تہ پوءِ توکي فائدو پهچايو وڃي. جنهن تي هو شخص نااميد ٿي گھوٽڪيءَ مان ڪهي

www.maktabah.org

حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو. سيد موسيٰ شاهه جو به سمورو قصو ٻڌايائين ۽ پنهنجي حالت جو به بيان ڪيائين. مخدوم صاحب هن تي ايڏو توجهه فرمايو جو هڪ طرف سندس سينو کلي پيو ۽ ٻي طرف کان ايڏي رجوعات ٿيس جو وڏو دولتمند بڻجي پيو. واپسي وقت مخدوم صاحب فرمايس ته، جڏهن گهوٽڪي مان سيّد صاحب وٽان لنگهين ته چئجانس ته مهمان کو ٿانوُ پاڻ سان کڻي ڪونه ايندو آهي، پر سڀ انتظام ميزبان کي ڪرڻو پوندو آهي.

(٥) هڪ شخص جي نياڻي کي ڏاڙيل پٺاڻ سنڌ مان زوري کڻي ويا هئا. افغانستان ۾ هن کي پنهنجي ٻانهي ڪري وهي رکيو هئائون. هن جو والد مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي ملتجي ٿيو، ڪنهن به طريقي تي منهنجي ڇوڪري واپس گهرائي ڏيو. گهڻين زارين ۽ منٿن کان پوءِ مخدوم صاحب هٿ ڊگهو ڪيو، ٿوري دير کان پوءِ ڏٺو ويو ته اها ڇوڪري مجلس ۾ موجود هئي، هٿن کي اٽو لڳو پيو هوس. بيان ڪيائين ته آءٌ هڪ امير پٺاڻ جي گهر ۾ ڪنيز هيس، هاٽي اٽو ويٺي ڳوهم جو هڪ اوچتو جهٽڪو آيو ۽ پاڻ کي هت ڏسان ٿي.

(٦) قاضي عبدالمطلب ڳوٺ قاضي ڪهنگ (تعلقي ميهڙ) جي مخدوم صاحب کان سوال ڪيو ته مغرب جي نماز کان پوءِ شفق جي حد ڪيتري آهي، يعني شفق جي معين ڳاڙهاڻ آهي يا ان کان پوءِ جيڪا هلڪي سفيدي پيدا ٿيندي آهي. مخدوم صاحب فرمايو ته، ان جو جواب رات حضور رسول ڪريم ﷺ جي دربار مان پڇي پوءِ ڏيندس.

www.maktabah.org

آخر رات جو جواب هي مليس ته، "هي الحمرة" يعني شفق ڳاڙهاڻ آهي.

(۷) مخدوم صاحب جي حويلي ۾ هڪ نينگري ڪم ڪار ڪندي هئي، جڏهن وڏي ٿي تڏهن هن کي سندس عزيزن شادي ڪرائي ڏني، ڪجھ وقت کان پوءِ مخدوم صاحب هن ڇوڪري کي مبارڪ ڏيڻ ۽ ڏسڻ لاءِ سندس صاهري گهر لنگهي آيو، ڇوڪري مخدوم صاحب جو ٻڌي مڙس کي وٺي گهر جي در تي اچي مخدوم صاحب سان ملي، پوءِ ڪيس پنهنجو مڙس ڏيکاريندي چيائين ته، سائين اجهو منهنجو ته هي مڙس آهي، اوهان جو مڙس ڪٿي آهي. مخدوم صاحب تي انهن الفاظن جو ڏاڍو اثر ٿيو. زال مڙس ٻنهي تي اهڙو توجھ وڌائون جو حضورﷺ جن جو هنن کي حضور ٿيو، پوءِ فرمايائين ته اجهو منهنجو ته اهو مڙس آهي.

پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي عليہ الرحمه جو والد بزرگ پير سيد محمد بقا شهيد مخدوم صاحب جي اجازت لڌل خليفن ۽ مريدن مان هو، نقشبندي طريقي ۾ سڀ ڪجھ اتان حاصل ڪيو هئائين، راشديہ قادريہ طريقي جا ذڪر اذڪار ڏنا ويندا ته اهي اندر ئي نقشبندي نموني جا آهن. مخدوم صاحب جو مقولو آهي ته نقشبندي ۽ قادري طريقا ٻئي هڪٻئي جا ويجها آهن. قادري طريقو نور ذاتي ۽ نقشبندي نور صفاتي آهي، قادري بادشاهه ۽ نقشبندي وزير آهي.

مخدوم صاحب جو ٻيو مقولو آهي. ذڪر اذڪار سڀ هڪ شور آهن. اصل مقصد توحيد آهي. فرمايائون ته، گم نامي عظيم مقصد آهي. فرمايو اٿن ته هميشه ويچارو ٿي

www.maktabah.org

رهجي، مسڪين ٿي رهجي، ان ۾ ئي اصل مقصد آهي.

مخدوم صاحب جي اڳيان ڪنهن ماڻهو هڪ سنڌي ڏوهيڙو پڙهيو:

سڪڻ سڀ ڪراءِ سڪ منهن جا سپرين
آسائتيون اين ۾ يون پنا تارا
جڏهن واءِ من رکيو مينهن ڪي

حضرت مخدوم صاحب جواب ۾ فرمايو ته

سپون مَ ساراهه
هيج جنين جو ههڙو
سڄڻ آئي ساڃاهه
اُتي ويڙن وسري

(ملفوظات خزينت المعرفت)

سنڌ ۾ جڏهن احمد شاهه ابدالي آيو هو، تڏهن مخدوم صاحب جي ملاقات لاءِ ٻه پريان لوءِ ۾ پهتو ۽ دهلي جي فتح لاءِ دعا گهرايائين.

سردي جي موسم ۾ افغانستان جي علائقي مان ڪي مسافر وٽن اچي مريد ٿيندا هئا، برابر ٽن مهينن جي محنت ڪان پوءِ خرقه خلافت ڏيڪي روانا ٿي ويندا هئا. سندن دستور هوندو هو، جو پهريان مريد جا دنياوي احتياج دور ڪري، پوءِ ڪين ذڪر اذڪار ۾ مشغول ڪندا هئا.

(ملفوظات روضي ڏٽي)

مخدوم صاحب کي نرينو اولاد ڪونه هو. فقط نياڻي هئس، مخدوم احمدي خدائي کهڙن واري جي فرزند محمد

www.maktabah.org

عاقل سان شادي ڪرائي ڏني هئائين. ان مان ضياءُ الدين نالي هڪ فرزند پيدا ٿيو، اهو جواني جي زماني ۾ وفات فرمائي ويو. هي بيبي صاحبہ مستجاب الدعوات عابده زاهده هئي ۽ هڪ ڪروڙ صلوات شريف پڙهي هئائين.

مخدوم محمد اسماعيل ٨ ربيع الاول چنڇر ڏينهن ١١٧٤ھ ۾ وفات فرمائي ۽ پريان لوءِ ۾ ئي دفن ڪيو ويو. ڪنهن شاعر قطعہ تاريخ هيٺين ريت لکيو آهي:

چون زينجا رخت بست آن باز جبروت
تهي کرد آشيانہ قيد ناسوت
چون رفت آن رهنما فرياد برخواست
ز ذراتِ جهان از ماه تا حوت
کدا مي باز اسماعيل مخدوم
کہ ميلش بود کلي سو هاهوت
وقوع رحلت آن قطب عالم
گريک افگند در سکان ملکوت
بهشتم از ربيع الاول او رفت
دو شنبہ چون کہ باز آمد ز حانوت
ز تاريخش بمن هاتف چنين گفت
مقام روح پاکش جاءِ لاهوت
١١٧٤ھ

ماخوذ از: "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد ٽيون
(ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو)

www.maktabah.org

مخدوم محمد اسماعيلؒ پريان لوئي

ڊاڪٽر نواز علي شوق

سنڌ صُوفي سڳورن ۽ الله جي پيارن ۽ اوليائن جي سرزمين آهي. هر وستي ۽ واهڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن بزرگ جي مزار يا خانقاهہ ضرور نظر ايندي. خيرن ڀري خيرپور ۾ بہ ڪيترائي خير ۽ برڪت وارا الله جا پيارا آرامي آهن. انهن مان هڪ مخدوم محمد اسماعيل آهي.

سندن اصل نالو اسماعيل آهي، پر عشق رسول سبب سندن لقب "عبدالرسول" هو. پاڻ ذات جا جوڻيجا هئا ۽ ڏوڪري تعلقي جي هڪ ڳوٺ ميين جي ڪاهي جا ويٺل هئا. سندن ننڍپڻ جو ڪو احوال ڪونہ ٿو ملي. پير حسام الدين راشدي مرحوم "حديقه الاوليا" جي مقدمي ۾ "حالات مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي" نالي هڪ قلمي ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي، اهو ڪنهن جي ملڪيت هو؟ هينئر ڪنهن وٽ آهي، ان بابت ڪا ڄاڻ ڪانہ ٿي ملي.

بهرحال، جيستائين اهو قلمي ڪتاب هٿ اچي، تيستائين ٻين ماخذن جي مدد سان هيءُ مقالو لکيو اٿم،

www.maktabah.org

جيڪو اڃا اڻ پُورو آهي.

مخدوم صاحب پنهنجي ڳوٺ مان لڏي ”ڀرالي“ آيو ۽ اتان جي بزرگ سيد حاجي جمال الله شاه[1] جو مُريد ٿيو. مخدوم صاحب جن ڪهڙي سن ۾ ڀرالي آيا؟ ۽ سندن لڏڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ اهو پڻ معلوم نہ آهي. بهرحال، مخدوم اسماعيل رح هميشہ لاءِ خيرپور جي ڀاڳ ڀرئي شهر ”ڀرالي“ جو ٿي ويو. ان شهر کي سندن مريدن ۽ عقيدت مندن مُرشد جي محبت ۽ عقيدت ۾ ”پريان لوءِ“ سڏيو، جيڪو وري اچ بگڙجي ”پريالو“ ٿي ويو آهي.

مخدوم صاحب نقشبندي مسلڪ جو پوئلڳ هو. سندن طريقت جو سلسلو حضرت امام رباني شيخ احمد سرهنديءَ سان ملي ٿو. جيئن هيٺين شعرن مان ظاهر آهي:

از مجدد الف ثاني فيض عالمگير شد
وز جنابِ شان جهانرا برکت و تاثير شد
شيخ آدم گشت از فيضِ مجدّد کامياب
شيخ سعدالله ازُو گشتہ منّور مسطّلاب
زوست ايوبِ ولي و هم جمال الله شاه
زُوست مخدوم ”برالو“ را بقا مانند ماه
زُو شده راشد خليفہ از فيوضش بهرمند
در طريقہ عاليہ حضرت جنابِ نقشبند

آخري شعر ۾ حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحہ جن جو ذڪر آهي. جنهن ۾ ڇاٽايل آهي تہ پير صاحب کي

---

[1]- مخدوم صاحب جي مُرشد سيد حاجي جمال الله شاه جي مزار پريان لوءِ ۾ آهي.

www.maktabah.org

مخدوم صاحب کان فيض مليو. ملفوظات روضي ڌڻي رحه ۾ آيو آهي ته: هيڪر پاڻ روضي ڌڻي رحه روهڙي شريف مان ٿي موٽيا هئا ۽ حضرت مخدوم صاحب محمد اسماعيل قدس سره جي زيارت لاءِ پريان لوءِ شريف تشريف فرما ٿيا. جيستائين حضرت مخدوم صاحب قدس سره جي روضي منور ۾ آيا، تيستائين ٻيا فقير اڳي اچي روضي مطهره ۾ زيارت لاءِ گڏ ٿي ويٺا. پاڻ جڏهن روضي ۾ اندر گهڙيا ته اندر اچڻ شرط وڏي ادب ۽ نياز سان جيئن ڪو پاڻ کي بي اختيار ڪٽي زمين تي اڇلائي، اهڙيءَ طرح تمام ادب سان مزار شريف جي پيرانديءَ کان اچي ويٺا. جامع ملفوظات جو مؤلف ٿو چوي ته: آءٌ ٻه سندن پويان اچي ويٺس. پاڻ ختمي لاءِ ڪجهه ٻه نه پڙهيائون ۽ ٿورڙي مُدت صورت بي روح وانگر متوجه ويهي اتان اٿيا ۽ پوئين پيرين ٻاهر نڪري آيا.[٢]

مولانا دين محمد وفائي "تذڪره مشاهير سند" ۾ لکيو آهي ته "پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي عليہ رحمه" جو والد بزرگ پير سيد محمد بقا شهيد مخدوم صاحب جي اجازت ورتل خليفن ۽ مريدن مان هو. نقشبندي طريقي ۾ سڀ ڪجهه اتان حاصل ڪيو هئائين. راشديہ طريقي جا ذڪر اذڪار ڏنا ويندا ته اهي اندر ئي نقشبندي نموني جا آهن. مخدوم صاحب جو مقولو آهي ته نقشبندي ۽ قادري طريقا ٻئي هڪ ٻئي جي ويجها آهن. قادري طريقو نور ذاتي ۽ نقشبندي نور صفاتي آهي. قادري بادشاهه ۽ نقشبندي

٢ـ ملفوظات شريف حضرت روضي ڌڻي (سنڌي ترجمو) حصو ٻيو مترجم: مولانا محمد قاسم مشوري ص ـ ٣٨

www.maktabah.org

وزير آهي.[3]

ان زماني ۾ کُهڙن جو شهر علم ۽ عرفان جو مرڪز هو. مخدوم اسماعيل جا کُهڙن جي مخدومن سان تمام گهرا تعلقات هئا. مخدوم عبدالرحمٰن[4] شهيد جي فرزندن مخدوم محمدي[5] ۽ مخدوم احمدي[6] سان سندن نينهن جو ناتو هو.

٣ـ تذڪره مشاهير سنڌ، مولانا وفائي، جلد ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص- ۴ ۽ ۵ سال ١٩٨٦ع

۴ـ مخدوم عبدالرحمٰن پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ ولي الله ٿي گذريو آهي. هميشه الاهي عشق جو جذبو مٿس طاري هوندو هو. اُچٽن جي درگاهه جو باني چنيهه فقير اُچڻ به سندن دعا سان ڄائو هو. چنيهه فقير اهو آهي، جنهن شاهه لطيف جي دعوت ڪئي هئي ۽ شاهه صاحب فرمايو هو ته "اسان تنهنجي "چ" ڪڍي ڇڏيون.. واقعي چنيهه سراسر نيه يعني نينهن بڻجي ويو. مخدوم صاحب کي پنهنجي ڀاءُ محمد عاقل ۽ ٢٢٢ مريدن ۽ عقيدت مندن سان گڏ کُهڙن جي مسجد ۾ مراقبي جي حالت ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي قتل ڪرايو هو. اهو دردناڪ واقعو سنه ١١۴۵هه ۾ ٿيو. ڪيترن ئي شاعرن مرثيا چيا. هتي نموني طور هڪ شاعرجي مرثيي جا ٻه شعر پيش ڪجن ٿا:

اين چه سودا در دماغ دهر پا انداخته،
واين شور و شر به گرد ره صدا انداخته،
سال پنجم عشر پنجم پنجمين صد بعد شش،
در شمارِ قضيهءِ قاضي قضا انداخته.

۵ـ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جڏهن کُهڙين آيو هوته شهر جي ٻاهران چنيهه فقير واري ڪُوهه تي اچي منزل ڪئي هئائين، مخعوم محمدي پنهنجي خاص ماڻهوءَ هٿ دعوت موڪلي هئي، جيڪا شاهه سائين قبول فرمائيندي چورائي موڪليو هو ته: (جاري)

www.maktabah.org

تذڪره مخاديم ڪُهڙا جي مؤلف لکيو آهي ته، مخدوم اسماعيل رحه مخدوم محمديءَ جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. اڪثر وٽن ويندو رهندو هو ۽ هميشه مخدوم محمديءَ جي پنيان هلندو هو، توڙيجو مخدوم صاحب کين عرض ڪندا هئا ته، "توهان بزرگ آهيو، اڳ ۾ ٿي هلو." پر مخدوم صاحب کين جواب ۾ فرمائيندا هئا ته "اي محبوب! مخدوم سهڻا! اوهان جي پيشانيءَ ۾ اسم اعظم بَکي ٿو ۽ الاهي نُور روشن آهي، تنهن ڪري اسان کي تاب ۽ طاقت نه آهي جو اوهان کي پُٺي ڏيون."[٧]

اڄ نه آيس آنءُ، صبح ايندس سُپرين،
توتي جنهن جو نانءُ، سو ڪٿي بارَ کُهين جا.

ٻئي ڏينهن شاه صاحب پنهنجي فقيرن سميت اچي سندن مهمان ٿيا ۽ پورو هفتو وٽن رهيا. ٻنهي بزرگن رُوح رچنديون رهاڻيون ڪيون. ان ڪان پوءِ شاه صاحب درازا وڃي ميان صاحب ڏني فاروقيءَ سان مليو هو. احمد شاه ابدالي سندن عقيدت مند هو. کين سوُڪڙيون پاڪڙيون ۽ نذر نياز ڪان علاوه جاگيرون پڻ ڏنيون هئائين. مخدوم صاحب جي وفات ١١٧١ھ ۾ ٿي.

٦_ مخدوم احمديءَ جي ولادت سنه ١١٤٤ھ ۾ ٿيءُ ١٢٠٣ھ ۾ شهادت جو جام پيتائون. ١١٧١ھ ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ مخدوم محمديءَ جي وصال ڪان پوءِ سجاده نشين ٿيا. پنهنجي دور جا وڏا عابد، زاهد عالم ۽ شاعر هئا. سندن ڪيتريون ئي ڪرامتون مشهور آهن. پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ رحه سندن شاگرد هو. هُن بُرهان نالي هڪ جادوگر کي حيدرآباد وڃي شڪست ڏني. بُرهان جيئن ڪٽ تي اڏامندو ٿي آيو ته مخدوم صاحب پير محمد راشد کي چيو ته "پادُر هٽيس"، پير صاحب پادر هنيو ته بُرهان ڪٽ سوڌو هيٺ ڦهڪو ڪري ڪري پيو.

٧_ تذڪره مخاديم ڪُهڙا قلمي (سنڌي ترجمو) ص ١٣٥ مترجم: غلام احمد.

www.maktabah.org

مخدوم اسماعيل ۽ مخدوم احمدي خدائي جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هئي. دونهين وارو پير سيد ابراهيم شاهه جيڪو پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ بُزرگ هو، سو سندن گهرو دوست هو. ابراهيم شاهه جا وڏا ملتان جا ويٺل هئا. مجيد شاهه نالي هڪ سيد سڳورو سير سفر ڪندو، سيوهڻ مان ٿيندو اچي خيرپور پهتو. انهيءَ سفر ۾ سندن پُٽ موتڻ شاهه بہ گڏ هو. مجيد شاهه جي وفات ڪان پوءِ موتڻ شاهه اچي ٻيرلوءِ ۾ رهيو. سيد ابراهيم شاهه انهيءَ موتڻ شاهه جو فرزند هو.

پريان لوءِ ۾ نقوي ساداتن جي هڪ درگاهه آهي، جنهن جو باني صالح شاهه سوائي هو. سيد صالح شاهه جو فرزند سيد قائم علي شاهه[8] مخدوم اسماعيل رحہ جو تمام پيارو دوست هو. مخدوم صاحب خطاطيءَ جي فن جو ماهر هو ۽ شاهه صاحب بہ سندن صحبت ۾ هن فن ۾ مهارت حاصل ڪئي هئي. ٻنهي گڏجي هڪ قرآن پاڪ لکيو. هر هڪ پندرهن پندرهن پارا لکيا. اهو قرآن مجيد سيد سڳوري جي

٨- سيد قائم علي شاهه جو ڏاڏو سيد بهاؤالدين شاهه اُچ ڪان لڏي اچي روهڙيءَ ۾ رهيو. روهڙيءَ ۾ حاجن شاهه واري درگاهه، سندن قائم ڪيل آهي. ڪين چار پُٽ هئا، جيڪي مختلف شهرن ۾ وجي ويٺا. صالح شاهه پراليي ۾ آيو. هو پنهنجي دور جو وڏو بزرگ هو. ميان نور محمد ڪلهوڙو سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو هو، ڪيس جاگير جي آڇ ڪيائين، پر درويش جيئن تہ لاطمع هو. تنهن ڪري انڪار ڪيائين. سنڌي زبان جو سُٺو شاعر هو، پر سندس ڪلام اڻ لڀ آهي. (ڏسو ڊاڪٽر حامي جو ڪتاب "خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو" ص- ٤١٣ سنڌالاجي سنہ ١٩٩٤ع)

www.maktabah.org

پوين وٽ موجود آهي. مولانا دين محمد وفائي مرحوم تذڪره مشاهير سنڌ ۾ لکيو آهي ته: "هُو خوشخط به هڪ ئي هو. معقول ۽ منقول جا سمورا درسي ڪتاب پنهنجي قلم سان لکي پنهنجي ڪُتبخاني ۾ جمع ڪيا هُئائين."[٩]

هر وقت عشق رسول ۾ محو هوندا هئا. "خزانه المعرفت" ۾ آهي ته هڪ ڀيري خليفه الله رضي الله تعاليٰ عنه مسجد شريف ۾ مثنويءَ مان وعظ ٿي فرمايو. انهيءَ دوران هڪڙو نقل بيان فرمايائون ته هڪ ڏينهن حضرت مخدوم صاحب پريان لوئي قدس سرة العزيز طالبان ۽ مُريدن جي جماعت سان ٻاهر آيا، هڪڙي ڇوڪري سنڌي ڏوهيڙو چيو:

پنهنجي پرينءَ تي چگُو چؤسو

"چؤسو" فارسيءَ ۾ اهڙي ڪپڙي کي چوندا آهن، جيڪو رنگريزن وٽ رگبو آهي، ڳاڙهي اڇي ڪاري رنگ ۾ رگيل هوندو آهي. حضرت مخدوم سائين اهو ٻڌڻ شرط وجد جي حالت ۾ اچي ويا. جيئن ته واٽ ۾ هڪ وڏو واهه آيو. مخدوم سائين انهيءَ مان ٽپو ڏيئي ٻيءَ پر وڃي بيٺا. حضرت مخدوم صاحب جڏهن هوش ۾ آيا. فرمايائون ته "خدا جا طالبو! ڇوڪري جي ڳالهه توهان کي ڪا سمجهه ۾ آئي، ڪهڙو نه چگو چيائين."

عرض ڪيائون: "اسان جي سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو." مخدوم صاحب فرمايو "هُن چيو پنهنجي پرينءَ تي چگُو چُوسو. يعني منهنجي پرينءَ تي چگُو ڪلمو چؤ،

٩- تذڪره مشاهير سنڌ (جلد ٽيون) ص- ١ سنڌي ادبي بورڊ سنه ١٩٨٦ع.

www.maktabah.org

منهنجي دوست مان مراد حضرت نبي ڪريم ﷺ وسلم جن جي ذات آهي، مٿن ڪلمو پڙهه.

مخدوم صاحب کي پُٽيتو اولاد ڪونه هو، فقط هڪ نياڻي هُئن، جنهن جي شادي پنهنجي پياري دوست مخدوم احمدي خُدائي جي فرزند مخدوم محمد عاقل (ثالث)[10] سان

١٠ـ مخدوم صاحب جي ولادت سنه ١١٦١هه ۾ ٿي. وڏو عالم با عمل هو، شرڪ ۽ بدعت جي پاڙ پٽيندڙ هو. هزارين سندن عقيدت مند ۽ مريد هئا. وقت جا حاڪم ۽ بيڪانير ۽ جيسلمير رياستن جا راجا سندن عقيدت مند هئا. ڪين سُوڪڙيون پاڪڙيون موڪليندا رهندا هئا. شاهه شجاع سندن وڏو عقيدت مند هو. هُن جڏهن سنه ١٢١٩هه ۾ قنڌاران ڪاهي اچي پنجاب ۾ ڦُرلٽ ڪئي ۽ پوءِ ڦُرلٽ جي ارادي سان اچي بکر پهتو. ميرن وڃي مخدوم صاحب کي منٿ ميڙ ڪئي ته هيءَ بلا ٽاريو. مخدوم صاحب جن ڪجهه معزز پاڻ سان وٺي بکر ويا ۽ سندن هدايت تي شاهه شجاع اتان ئي واپس هليو ويو. اهڙيءَ ريت مخدوم صاحب جي مهربانيءَ سان وڏي مصيبت ٽري وئي. ان واقعي جي قطعه تاريخ آهي:

ازلبِ دريا بکر ز باز گشت

١٢١٩هه

قنمبر ضلع لاڙڪاڻي جي ڪن گهراڻن کي مسلمان ڪيائون، جيڪي اڄ سنجوڳي شيخ سڏجن ٿا.

مخدوم صاحب جا درازي درويش سچل سائين سان گهرا تعلقات هئا. تذڪره "مخاديم ڪُهڙا" ۾ هڪ واقعو ڏنل آهي، جنهن جو تَتُ هن ريت آهي:

مخدوم محمد عاقل جي دور ۾ سخي قبول محمد اوّل گادي نشين هو. مخدوم صاحب جي ننڍي ڀاءُ مخدوم ميان محمد، مير سهراب خان کي دانهن ڏني ته ڪين وڏي ڀاءُ کان پنهنجي ملڪيت (جاري)

www.maktabah.org

ڪرائي هئي. سندن ڪيترائي مريد الاهي عشق ۾ رنڱجي رڱيا ٿيا. مريدن ۽ معتقدن کي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ سان گڏوگڏ ديني تعليم پڻ ڏيندا رهندا هئا. گهڻو وقت لکڻ پڙهڻ ۾ صرف ڪندا هئا. قرآن پاڪ جا ڪيترائي نسخا لکي مڪمل ڪيائون. ان کان علاوه ڌار ڌار پاره لکي ماڻهن کي ڏئي ڇڏيندا هئا. "تذڪره مخاديم ٺٽا" جي مؤلف لکيو آهي ته:

"جڏهن به نئين سر ڪلام الله جي تحرير شروع ڪندا هئا ته اڳ ۾ تمام "اسماءَ الله الحُسنيٰ" شنگرف سان سهڻا سهڻا حاشيا ٺاهي لکندا هئا. پيا به جيڪي شرعي يا درسي ڪتاب لکندا هئا، ته اُهي سڀ مُحشي هوندا هئا. سندن تحرير جي صحت جي ڇا ڳالهه ڪجي! انتها درجي جي مُستند ۽ فاضلانه هوندي هئي. اکر اهڙا هوندا هئا، جيئن موتيءَ جا داڻا، سندن تحرير منجهان علمي ڪمال بکندو هو."[11]

مخدوم محمد اسماعيل رحه سنڌي ۽ فارسي جا بلند پايه

جو حصو ونرائي ڏيو. مير صاحب کين چيو ته، "اهو اوهان جو ذاتي معاملو آهي. تنهن ڪري اسان وچ ۾ نه ايندا سون." پوءِ مخدوم صاحب، درازا دانهين ٿي ويو. سائين قبول محمد سچل سائين کي موڪليو ته وڃي ياڻرن جو ناهه ڪراءِ" سچل سائين اتي پهتو ته مخدوم محمد عاقل سندن وڏو آدر ياءُ ڪيو. حال احوال کان پوءِ مخدوم صاحب پنهنجي مُهر سچل سائين کي ڏني ۽ چيائون ته، "فيصلو لکي ان تي مُهر هڻو." ان دستاويز تي سچل سائين به صحيح ڪئي. اهڙيءَ ريت ياڻرن جو جهيڙو جهٽ پل ۾ ختم ٿي ويو.

11- سنڌي ترجمو: مترجم مخدوم غلام احمد بن مخدوم امير احمد ص- 166

www.maktabah.org

شاعر هئا. فارسي ۾ حمديه نعتيه ڪلام چيو اٿن. سنڌيءَ ۾ مولود، مداح ۽ منقبت سندن پسنديده صنفون هيون. انهن صنفن ۾ سهڻو ڪلام چيو اٿن. پير سائين صبغه الله شاهه اول تجر ڏٽي رحه جن جي ملفوظات "خزانه المعرفه" ۾ آهي ته "هڪ ڏينهن حضرت جن مثنوي معنوي جي شغل دوران فرمايو ته هڪڙي شخص حضرت مخدوم صاحب پريان لوئي قدس سره جي دربار ۾ الله تعاليٰ جي طلب ڪرڻ جي وات بابت هڪ سنڌي بيت عرض رکيو:

سِڪڻ سِپَ ٻرا، سِڪُ منهنجا سُپرين،
آسائتيون آيس ري، پون نه پاتار،
جني هن جرا، منِ رکيو مينهن کي.

حضرت مخدوم صاحب جواب ۾ فرمايو ته اي يار!

سِپوَن مَ ساراهه، هيجُ جن جو هھڙو.
سچڻ ۽ ساجاهه، اُني ويڙن وسري.[12]

پير حسام الدين راشدي مرحوم حديقه الاوليا جي مقدمي ۾ به بيت ڏنا آهن، جيڪي پير صاحب هڪ قلمي

١٢- سنڌي ترجمو: مترجم مفتي محمد رحيم سڪندري ص- ٢٩٨ سال ١٤١١هه.

سِپ بابت شاهه لطيف فرمايو آهي:

سِپ سمندين سپجي، ابر آسارُوس،
ٻاڙو پئي م ٻيڙي، منومُنهن لڳوس،
ماٺڪ تي مڙيوس، جيئن تنگ ڪديائين تار ۾.

خواجه محمد زمان لواريءَ واري فرمايو آهي:

ماهيتَ مِينهن نه پوءِ، قلزم اندر قطري
مگر وچي سوءِ، جگُ چڏي جالار ۾.

www.maktabah.org

ڪتاب "حالات مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي" تان نقل ڪيھئا:

ڪُھنو اٿم ڪپڙو، سٿون ڪين سَهي،
نظر ڪريو مهر جي، تنهن تان مَرُ لهي،
اجاريوس اَهي، پراڻو پر تو اٿئي.

پوڪيم سرنهن، ٿي پيو ڄانيو،
اهو اولانيو، مون کي آيو نيه جو.[13]

سنڌي ۽ فارسي زبان ۾ ڪيترائي منظوم خطبا جوڙيائون، جيڪي اڄا تائين جُمع جي خُطبن ۾ پڙهيا وڃن ٿا ڪيترائي مولود چيائون، جن مان ڪي ٿورا محفوظ رهجي ويا آهن.

مخدوم صاحب جون ڪيتريون ئي ڪرامتون مشهور آهن مولانا دين محمد وفائي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ سندن ڇهه ڪرامتون ڏنيون آهن. جيئن ته اهي اڳ ۾ ڪتاب ۾ ڇپيل آهن، تنهن ڪري انهن کي ڇڏي، هتي هڪ ڪرامت ڏني وڃي ٿي. جيڪا بنده راقم کي استاد حامي ٻڌائي هئي.

هڪ دفعي حضرت اسماعيل رح جن حضرت مخدوم احمدي خدائي رح جن وٽ ڪُھڙين آيل هئا. مخدوم احمدي خدائي جن رات جو ڪافي دير تائين ڪچهريءَ بعد، حضرت مخدوم اسماعيل جن جي خدمت ۾ ٻنهي

١٣- سنڌي ترجمو: مترجم مفتي محمد رحيم سڪندري ص- ٢٩٨ سال ١٤١١هه.

www.maktabah.org

صاحبزادن هر هڪ مخدوم زاده محمد عاقل ۽ صاحبزادو حضرت پير ميان محمد راشد لڪياري جن (جيڪي اجا طالب علم هئا ۽ مخدوم احمديءَ جي مدرسي ۾ پڙهندا هئا) کي سُمهاري، پاڻ حويليءَ اندر وڃي آرامي ٿيا.

مخدوم اسماعيل رح تهجد پڙهي جهنگ جي خيال سان روانا ٿيا. ٻئي صاحبزادا سڳورا پڻ ساڻن گڏ هئا. واٽ تي هڪ هنڌ هڪ ٻلي مئي پئي هئي. صاحبزادي مخدوم محمد عاقل نوڪر هٿي پنهنجي ڪرامت سان ان کي جيئرو ڪيو. رفع حاجت ڪان پوءِ اچي هڪ واهه جي ڪناري صُبح جو نماز لاءِ وُضو ڪرڻ ويٺا ته ايتري ۾ کُهڙن جي تڪاٽي جو ٻائو (ٻانيڻ) به سنانُ ڪرڻ لاءِ اتي اچي نڪتو. ٻانيڻ سنان ڪري جيئن ئي ٻاهر نڪتو، ته مخدوم صاحب سڏ ڪيس. مٿس اهڙيءَ ته توجه سان نظر ڪيائون جو سندس ڪاياڻي پلٽجي وئي. پوءِ ڪيس پيار ۽ پاٻوهه سان فرمايائون: "اچو ميان حافظ جلال الدين سڳورا صبح جي نماز جو وقت ٿي چڪو آهي، هلو ته هلي نماز ادا ڪيون."

اهڙيءَ طرح سندن ڪرامت سان ان تڪاٽي جي ٻانيڻ جا نصيب کُلي پيا. هُو نه فقط دين اسلام ۾ اچي ويو، پر مولوي سڳورو ۽ حافظ قرآن به ٿي ويو ۽ صبح جي نماز جي امامت به ڪيائين. مخدوم اسماعيل رح ڪيس دعائون ڪيون. پوءِ صاحبزادي محمد عاقل (ثالث) کي فرمايائون "ابا ٻليون جيارڻ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي، پٽ! مُئل دليون جيار."[13]

١٣ـ تذڪره مخاديم کُهڙا (سنڌي ترجمو) ص ١٨٥ـ١٨٨

www.maktabah.org

اُن جلال پنهنجن پوين کي وصيت ڪئي تہ سواءِ ٻانيڻ جي ڪا ٻي ذات نہ سڏائجو تہ جيئن يادگار رهي تہ اسان مخدوم اسماعيل پريان لوئي واري جي دعا سان رَتل آهيون" خيرپور جا مشهور زميندار ٻانيڻ ان ئي جلال ٻانيڻ جي اولاد مان آهن ۽ اڄ تائين پنهنجي ذات ڪانہ مٽائي اٿن ۽ ٻانيڻ سڏائڻ ۾ ڪو عارُ ڪونہ ٿا محسوس ڪن.

مخدوم محمد اسماعيل ٨- ربيع الاول سُومر جي ڏينهن سنہ ١١٧۴ھ ۾ هيءَ مٽيءَ جو ملڪ ڇڏي وڃي بقا واري بستيءَ ۾ آرامي ٿيو. سندن آخري آرامگاهہ پريان لوءِ ۾ آهي. مٿن شاندار قُبو اڏيل آهي. سندن فيض اڄ بہ جاري آهي. ڪنهن شاعر سندن وفات تي هيٺيون تاريخي قطعو لکيو آهي.[14]

چون زينجا رخت بَست آن بازِ جبروُت
تهي کرد آشيانہءَ قيد ناسوت

١۴- تذڪره مشاهير سنڌ جو پهريون جلد پير حسام الدين راشدي ايڊٽ ڪيو هو، تنهن ڪري اهو جلد هر لحاظ کان معياري آهي. ٻيو ۽ ٽيون جلد بغير نظر ثاني جي شائع ٿيا. تنهن ڪري انهن ۾ ڪجهہ غلطيون رهجي ويون آهن. مٿي جيڪا قطعہ تاريخ ڏنل آهي. اها تذڪره مشاهير سنڌ ۾ پڻ ڏنل آهي. پر ان ۾ اٺ غلطيون آهن. ست غلطيون تہ پروف جون آهن ائين خود مولانا وفائي کان سَهو ٿي وئي آهي، دوشنبہ جي جاءِ تي شنبہ نقل ڪيو اٿن، تنهن ڪري سُومر بجاءِ ڇنڇر لکيو اٿن. تنهن ڪري اهو ضروري آهي تہ تذڪره مشاهير سنڌ جي جلد ٻئي ۽ ٽئين جو نئون ڇاپو ڪنهن عالم کان ايڊٽ ڪرائڻ بعد ڇپرايو وڃي.

www.maktabah.org

چون رفت آن رهنما فرياد برخواست
ز ذرات جهان از مان تا حُوت
کُدامي باز اسماعيل مخدوم
کہ ميلش بُود کُلي سوي ھاھُوت
وُقوعِ رحلتِ آن قطبِ عالم
گريہ افگند درَ سُکان ملکوت
بَھشتم از ربيع الاوّل اُو رفت
دوشنبہ چون کہ باز آمد ز حانُوت
ز تاريخش بمن ھاتف چُنين گُفت
"مقامِ روحِ پاکش جاي لاھُوت"

١١٧۴ھ

www.maktabah.org

حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي حضور ۾

پريان لوءِ جا مخدوم! پرور جا پيارا،
دکايل دلين جي ڪريو رهبري تا،
اگهائين تو سوالين سندا عرض سائين،
اِهو ئي سبب آ يريون حاضري تا.

سنڌ‌ءِ روضي اندر سوالي اَچن تا،
دعائون گهرن تا، صدائون هڻن تا،
اوهان جي اگڻ تان وريو ڪونہ خالي،
يَري جهوليون پنهنجون خوش ٿي ڪڻن تا!

او مخدوم سائين! علي ع جو قسم تَئي:
هلي اچ مدد ڪر هي مشڪل ڪَٽي ڇڏ،
ڪرو ڪوتو مخدوم تنهنجو مان آهيان،
غلامن سان نالو تہ منهنجو گڏي ڇڏ.

تون عالم، تو عامل، تون ڪامل ولي آن،
سوالين جا سڏڙا سُڻين تو سدائين،
خدارا اِهو عرض منهنجو اگهائج:
بُرائين ڪنان ’عبد‘ کي تون بچائين.

www.maktabah.org

مخدوم محمد اسماعيل سومرو*
پريان لوئي سندس ٻہ سنڌي تصنيفون

ڊاڪٽر يار محمد قاضي

مخدوم محمد اسماعيل سومرو رح پريان لوئي الملقب بعبدالرسول پنهنجي وقت جو هڪ عالم باعمل، حق ۽ صداقت جو صاحب، ڪامل بزرگ ۽ سالڪان طريقت لاءِ منبع رشد و هدايت هو.[1]

هي بزرگ اصل ڳوٺ ميين جي ڪاهيءَ جو رهاڪو هو، پر پوءِ پنهنجن عزيزن ڪان ناراض ٿي ڪهڙن مہ اچي

---

* مخدوم صاحب جن متعلق تواتر ۽ مختلف توثيقات و تصديقات سان جوٽيجو هيڻ ثابت آهي. مخدوم محمد اسماعيل سومرو رح ڪانئن اڳ مہ وڏي پائي جا اهل دل بزرگ ٿي گذريا آهن. سندن تعلق سنڌ جي ڏاڪڻي حصي سان چيو ويو آهي ۽ سندن درگاه بہ مشهور آهي. (م. ن. ا. ه)

١ـ مخدوم امير احمد رح: مقدمہ بذل القوة ص ٧٣

www.maktabah.org

رهيو، جتي درس تدريس جو شغل اختيار ڪيائين.[2] سيئي مروج درسي ڪتاب پنهنجي هٿ سان لکيائين ۽ انهن سان مفيد حاشيا بہ شامل ڪيائين ۽ سڄي عمر قرآن پاڪ جي ڪتابت ۾ گذاريائين. سندس هيءُ خاص طريقو هوندو هو تہ جڏهن بہ قرآن پاڪ جو ڪو نسخو لکي تيار ڪندو هو، تہ ان جي پهرئين ورق کي الله تعاليٰ جل شانه جي اسماءَ الحسنيٰ سان ڳاڙهي مس ۾ سينگاريندو هو.[3]

هي بزرگ مخدوم محمد هاشم رح ٺٽويءَ جو همعصر هو. سندس اوائلي زندگي ۽ ظاهري علمن جي استادن جو ڪو احوال ڪونہ ٿو ملي پر رائج علومن مان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ شيخ جمال الله رح کان نقشبندي طريقي جو ارشاد حال ڪرڻ لاءِ سندس هٿ تي بيعت ڪيائين، جنهن سبب سندس مريديءَ جو سلسلو چئن واسطن سان شيخ احمد سرهندي رح مجدد الف ثاني رح تائين رسي ٿو. يعني مخدوم محمد اسماعيل رح، شيخ جمال الله رح کان، شيخ جمال رح شيخ سعدالله رح لاهوريءَ کان، سيد شيخ آدم رح بنوريءَ کان ۽ سيد شيخ آدم بنوري رح شيخ احمد سرهندي رح کان تلقين حاصل ڪئي. سندس خاص خليفن ۾ شيخ محمد بقا هاشمي رح ۽ ابو الشيخ پير محمد راشد رح جا

٢- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مولود ص ٣٧

ڳوٺ کهڙا خيرپور ضلعي جو مشهور ۽ معروف ڳوٺ آهي باقي ڳوٺ ميين جي ڪاهيءَ متعلق ڪابہ معلومات حاصل ٿي نہ سگهي آهي.

٣- مخدوم امير احمد رح: مقدمہ بذال القوة ص ٧٣

www.maktabah.org

نالا بہ شامل آهن.[۴]

مخدوم موصوف محمد اسماعيل رح فارسيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ شعر بہ چيو آهي. سندس شعر جا خاص موضوع حمد،

۴ـ مخدوم امير احمد رح: مقدمہ بذل القوة ص ۷۴

شيخ احمد سرهندي رح ابن شيخ عبدالواحد سرهندي رح ۹۷۱ھ/ ۱۵٦۴ع ۾ سرهند ۾ پيدا ٿيو. طريقت جو سبق شيخ باقي باالله کان حاصل ڪيائين ۽ سڄي حياتي حق ۽ انصاف جي قيام ۾ تبليغ لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. هي بزرگ اسلامي تاريخ ۾ مجدد الف ثاني جي لقب سان معروف آهي. هن ئي بزرگ مغل شهنشاه اڪبر جي ڪفر ۽ الحاد جي رجحانن کي روحاني ۽ ايماني طاقتن سان مقابلو ڪري هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو ۽ سندس پٽ جهانگير کي راه راست جي هدايت ڏيئي شيطان جي گمراهيءَ کان آزاد ڪيو. پاڻ ۱۰۳۴ھ/ ۱٦۲۵ع ۾ هن دار فاني مان لڏي رفيق اعليٰ سان واصل ٿيو. (رئيس احمد جعفري: انوارالاولياءَ ص ۳۰۵ کان ۵۳٦)

سيد شيخ محمد بقا ولي ڪامل ۽ عالم باعمل ٿي گذريوآهي. هي بزرگ خيرپور ضلعي جي هڪ ننڍي ڳوٺ 'رسول آباد' جو سائڊي' جي نالي سان مشهور آهي ان ۾ ۱۱۳۵ھ/ ۱۷۲۳ع ۾ ڄائو هو. طريقت ۾ قادري طريقي جو ارشاد سيد عبدالقادر حسيني رح کان عطا ٿيس ۽ نقشبندي طريقي ۾ مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئيءَ کان. ٻنهي طريقن ۾ کيس تلقين جي سند بہ حاصل ٿيل هئي. سڄي عمر اعلاءِ ڪلمه الحق ۽ ماڻهن کي تلقين ڪرڻ ۽ هدايت ڏيڻ ۾ صرف ڪيائين. ۱۱۹۸ھ/ ۱۷۸۴ع ۾ کيس شهادت جو مرتبو حاصل ٿيو. سندس شهادت جي ڳالھ هن طرح آهي تہ پاڻ واٽ تان ڪتابن جي ٻري مٿي تي رکي پئي ويو تہ ڪن چورن کيس ڏسي ورتو ۽ بدگماني ڪيائون تہ ڪو تمام گهڻو مال سندس مٿي تي رکيو آهي تنهن ڪري هن بزرگ کي ناحق شهيد ڪري ڇڏيائون. سندس قبر خيرپور ضلعي جي شيخ طيب جي قبرستان ۾ موجود ۽ (جاري)

www.maktabah.org

نعت، نصيحت، اخلاق ۽ تصوف تي مشتمل آهن. پاڻ ربيع الاول ۱۱۷۴ھ/ آڪٽوبر ۱۷۶۰ع ۾ وفات ڪيائين. سندس درگاھ 'پريان لوءِ' ضلعي خيرپور ۾ آهي.

مخدوم محمد اسماعيل رح جون ٻه سنڌي تصنيفون:

اوڻهين صدي عيسوي جي آخر ۾ بمبئي جي علوي پريس مان سيٺ جمناداس پڄونداس، تاجر ڪتب، تن ننڍن سنڌي رسالن جو هڪ مجموعو ڇپائي شايع ڪرايو هو، جن مان هڪ هالن جي پنهنجي بزرگ مخدوم محمد ابراهيم رح جي سنڌي آهي ۽ باقي ٻه آهن: 'تنبيہ الغافلين' ۽ 'عقيقي جو رسالو' جي ٻئي هڪ ٻئي بزرگ جا تاليف ڪيل آهن. جنهن جو نالو آهي محمد اسماعيل رح پر ڪابه يقيني خبر پئجي نه سگهي آهي ته هيءَ بزرگ ڪير هو. ان هوندي به قرائن مان هن قياس لاءِ قوي بنياد فراهم ٿئي ٿو ته هيءُ بزرگ مخدوم محمد اسماعيل سومرو رح پريان لوئي هو. هنن قرائن مان ڪي صحيح تاريخي حقائق تي مبني آهن مثلاً:

۱- مخدوم محمد اسماعيل سومرو رح انهيءَ دؤر جو بزرگ هو جنهن دؤر ۾ سنڌيءَ ۾ تنبيہ ۽ فقه جي موضوعن تي

مشهور آهي، جنهن جي زيارت برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي. (مخدوم امير احمد رح، مقدمه بذل القوة ص ۷۵ ۽ ۷۶).
سندس فرزند پير محمد راشد روضي ڌڻي رح سنڌ ۾ پهريون پير پاڳارو ٿي گذريو آهي. هن بزرگ ۱۱۷۰ھ/ ۱۷۵۷ع ۾ تولد ۽ ۱۲۲۳ھ/ ۱۸۱۸ع ۾ وفات ڪئي. هي بزرگ صاحبِ طريقت ۽ يگانو عالم هو. (مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي: رسالہ الرحيم سنڌي مشاهير سنڌ نمبر ص ۲۲).

www.maktabah.org

تحقيقي ۽ تبليغي ڪتاب لکڻ سنڌي عالمن وٽ هڪ ضروري بلڪ لازمي امر سمجهيو ويندو هو ۽ هن سلسلي ۾ اڪثر سنڌي عالمن پنهنجو فرض سمجهي مذڪوره موضوعن تي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيا.[٥]

٢- ان دؤر جي اهڙي ٻئي ڪنهن ٻه عالم بابت ڪا خبر پئجي نہ سگهي آهي، جنهن جو نالو ٻہ محمد اسماعيل رح هجي ۽ جنهن بابت يقيني علم ٻہ هجي تہ ان بزرگ مذڪوره موضوعن تي سنڌيءَ ۾ ڪجھ ڪتاب تاليف ڪيا هئا.

٣- مخدوم امير احمد رح، مخدوم محمد اسماعيل رح لاءِ فرمايو آهي تہ هن بزرگ ڪجھ رسالا فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ مذڪوره موضوعن تي تحرير ڪيا هئا.[٦]

ان کان سواءِ سنڌي ڪتاب 'ملڪي سنڌي' جو قاضي محمد شريف راٽي پور واري جو لکيل آهي[٧] ان جي مطالعي مان پڻ ڪي اشارا ملن ٿا، جن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڪتاب تنبيہ الغافلين جو مؤلف مخدوم محمد اسماعيل رح سومرو پريان لوئي آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪتاب "ملڪي سنڌي' اهڙي طرز تي لکيل آهي جڻ ڪنهن ٻئي ڪتاب جو رد يا

٥- ڊاڪٽر عبدالجبار: سنڌيون ص ٧ ۽ ص ٨
مزيد ڏسو راقم الحروف جو پي- ايچ- ڊي لاءِ لکيل مقالو 'سنڌي ٻوليءَ ۾ فقهي ادب جو ارتقا' ص ١٨ ۽ ص ٢٢.
٦- مخدو امير احمد رح، مقدمہ بذل القوة ص ٧٥
٧- مولانا دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ ص ١٦٥
ڪتاب 'ملڪي سنڌي' شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم جو ترتيب ڏنل ڪتاب.

www.maktabah.org

جواب هجي. ڪتاب "تنبيه الغافلين' پڙهڻ کان پوءِ يقين ٿـ ٿو تہ 'ملڪي سنڌي' هن ڪتاب جي جواب ۾ ئي لکيو ويو هو. جيتوڻيڪ منجهس اهڙو واضح اشارو ڏنل نہ آهي ۽ نڪي ڪو نالو ورتو ويو آهي، بهرحال هيٺين نقطن مان راقم الحروف جي قياس کي تقويت ملي ٿي.

